
تنهائي
شالِني ساگر

# تنهائي

شالِني ساگر

| | | |
|---|---|---|
| Title | : | TANHAEE |
| Author | : | Shalini Sagar |
| Address | : | 61/4A Kali Bari Marg, New Delhi -110001. Ph.(R) 23744611 |
| Price | : | Rupees Fifty Five (55/-) |
| Year | : | 1998 |
| Publisher | : | Shalini Sagar 61/4A Kali Bari Marg, New Delhi -110001. Ph.(R) 23744611 |
| Laser Type | : | Suresh Saraswat, C-1, Dayanand Colony, Lajpat Nagar. New.Delhi -24. (6475398) |
| Printer | : | "MaYuR" Computers & Printers C-5, Dayanand Colony, Lajpat Nagar, N.Delhi-24. Ph. 6442601 |
| Rights | : | Reserved with the Author. |
| Copies | : | 500. |

**Published with partial Financial Assistance of SINDHI ACADEMY, DELHI.**

# فهرست


Reservation

١. ماڻهون ٻُڌِن ماڻهون ٻُڌِن

٢. وڇوڙو

٣. ڪروڪيٽر جي جنگ

٤. قصمت ڪيو ڌوڪُ

٥. تنهائي

٦. چلتو پُرزو

٧. ڪنچن

٨. جِن لاءِ مئَسِ .....

٩. نئين زندگي

١٠. بنواس

١١. خواب ۽ حقيقت

١٢. ديسي سيٺ ڪجن....

# ارپنا

ڀٽائي گهوٽ شاه عبداللطيف
جي
قدمن ۾

جيڏو تنهنجو نانءُ ڀاڄهه ٻه اوڏيائي مڳان
ري ٽنيي ري ٽوٽين تون ڇپر تون ڇانءُ
اُءُ ڪاڄاڙو ڪهانءُ توکي معلوم سڀ ڪا
(شاھ)

شالني ساگر

# مھاڳ

ڏينهان ڏورين ڏٿ سين، راتيان ڪن رهاڻ
عمر تنهين ڪاڻ، منهنجو روح رڙيون ڪري

اڄ جي پيچ پيچان واري دور ۾ مصروف زندگي ۾ جيڏانهن نهار هر ڪو وٺ سٽ ۾ لڳو پيو آهي. زندگيءَ جون جوابداريون، رشتن ناتن سان نڀاءُ، روزيءَ روٽيءَ لاءِ ڏُڪَ ڊوڙ اِن طرح صبح ۽ شام، شام ۽ راتِ ۽ وري پرڀات جو چڪر هلي پيو. زندگيءَ جي اِن گهاٽي ۾ پيا پيسجڻ اسان جي ارد گرد اهڙا ڪيترا ئي ڪردار نظر ايندا. خود اسين زندگيءَ جي ڪن الجهنُن ۾ اڙجي وڃُون ٿا. وقت هٿان ڪسڪندو پيو وڃي. زندگيءَ جو ناءُ آهي جُستجُو........ لڳاتار جُستجو........ پر ڪن لاءِ زندگي چئن گهڙين جو ميلو عيش و عشرت آهي ڪائي پي مست رهڻ ته ڪن لاءِ آرام حرام آ.

اهڙي ماحول ۾ اگر ڪي گهڙيون علم ادب جي مطالعي لاءِ ملي وڃن يا پنهنجي جذبن کي اظهارڻ جو وجھ ملي ته اِن کان وڌيڪ ٻي ڪا خوشيءَ جهڙي ڳالهه نه ٿيندي.

پورهيو سندو پورهيت والي ڪيم وڃاءِ
(شاه)

ڏٺي پورهئي ڪرڻ جي سگهه عطا ڪري تہ پاڻ کي خوش قسمت ڀائيندس. پنهنجي زندگيءَ جي آزمودن، اوسي پاسي نظر ايندڙ ڪردارن دل جي ڪنهن گوشي ۾ ڪڏهن ڪڏهن دستڪ پئي ڏني آهي. ڪنن تي پرلاءُ پئي پيو آهي. ڪن واقعن کان متاثر ٿي قلم کنيم. جنهن هن نتيجي کي جنم ڏنو. ادب زندگيءَ جو آئينو آهي. اِن درپڻ ۾ الڳ الڳ عڪس نظر آيا. جيڪي منهنجي ڪهاڻين جا ڪردار بڻيا. اِن طرح جا اِنسان اوهان بہ ڏٺا هوندا. مون صرف اُنهن کي قلمبند ڪيو آهي. ادب جي ماڻ ۽ ماپن کان اڻ واقف آهيان جو ادب جي دنيا وسيع آهي. مان طالب علم آهيان سڄي زندگي بہ اِن لاءِ اڻ پوري رهندي. پر جڏهن بہ مون شدت سان ڪجهہ محسوس ڪيو آهي تہ اُن کي ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ اِظهاريو اٿم. ڪڏهن مضمون جي روپ ۾ تہ ڪڏهن ننڍين ڪويتائن جي روپ ۾. عورت جي حقن جي ڳالهہ هجي، يا ڌرتيءَ جي دانهن، يا ماروئڙن جي ياد.

آل اِنڊيا ريڊيو جي پرڏيهي نشريات ۾ هند ۽ سنڌ جي سامين سان قرب ڀريون ڪچهريون ڪندي، ڪيئي تجربا ڪيا آهن. نشريات جي محڪمي ۾ ڪم ڪندي مختلف علمي ادبي شخصيتن سان ملاقات ۽ اُنهن جي تقريرن ۽ ڪهاڻين ۽ ٻين رچنائن ذريعي ڪجهہ سکڻ جو موقعو مليو.

هتي ڀارت ۾ ڪلچرل سرگرميون ڇٽ ڇماهين يا ڪنهن ڏڻ وار تي ٿين. ڀارت جي راڄڌاني دهليءَ ۾ جڏهن ١٩٨٧ ۾ ماروئيءَ طرفان پهريون عالمي شاهه عبداللطيف ڪانفرنس ڪانيوءِ

ٻہ ٻيون عالمي ڪانفرنسون ٿيون. اُن وقت سنڌ ۽ هند مان ڪيترا سنڌيت جا پريمي لطيف سائينءَ جي عالمي سيمينار ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ آيا. اُن دوَران سنڌيت جو ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو ۽ ڪيترن جي واتان لطيف سائينءَ جا ڪلام ۾ مختلف شعر ٻڌي بيحد متاثر ٿيس. جنهن ۾ دهليءَ مان ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻي ”خادم“، ناريڻ شيام، بمبئيءَ مان دادا اُتم، دادي سُندري اُتمچنداڻي کان سواءِ سنڌ مان ڪيترا ئي نوجوان آيا هئا. هتي ايڏي وڏي فهرست تہ نہ پر مان ڪِن علم ادب جي شخصيتن جو ضرور ذڪر ڪندس. اَپا شمس عباسي، شمشير حيدري، مخدوم غوث محمد گوهر، تاج جويو، فتح ملڪ، جيجي ذرينہ، جمن دربدر، محمد اِبراهم سنڌي - اِنهن کي ٻُڌي ۽ ملي بيحد متاثر ٿيس. اِنهيءَ ڪري مان پنهنجي پهرين رچنا ”تنهائي“ يتائي گهوٽ شاه عبدللطيف کي سمرپڻ ڪئي آهي. نہ صرف مان پر منهنجو شريڪِ حيات بلديو آنند ساگر ۽ ڏي چِدمبرا ۽ پٽ جئديو بہ شاه لطيف جا عقيدتمند بڻجي ويا. هنن جي واتان بہ، جڏهن جيئي لطيف، سدا جيئي ٻڌندي آهيان تہ منهنجو من ٺري پوندو آهي. جن جي سهڪار ڪري بہ مان هي ڪهاڻين جو مجموعو اوهان جي اڳيان پيش ڪري سگهي آهيان. اِن ڪانسوءِ پرومِيا! شرما جا بہ خاص ٿورا مڃيندس، جنهن هر وقت ساٿ ڏنو آهي.

اسان جي اڳيان روز مره جي زندگيءَ ۾ ڪيترا ئي اَهڙا ڪِردار سامهون ايندا آهن جن کي ڏسي اُنهن جي باري ۾ اسان

ئي منڊي وجهن. ڏٺي بچائي اَهڙن چلتن پرزن کان.

جڏهن بہ انسان کو ڪم شروع ڪري ٿو تہ اُن جي رهنمائي ضروري آهي. ٻار جڏهن هلڻ سکي ٿو تہ ماءُ هن کي ست کان جهلي هلڻ سيکاري ٿي. جڏهن اهوئي ٻار اڳتي هلي علم پرائي ٿو تہ اُستاد هُن جي زندگيءَ کي علم جي روشنيءَ کان روشناس ڪرائي ٿو. پر ڪتي ڪتي گرو پلي ئي سامهون نہ بہ هجي پر اُن جي سکيائن کي ڏيان ۾ رکي ڪري شِشُ اڳتي وڌي ٿو جيئن اڪلويہ. پلي ئي اڪلويہ گرو دروڻا چاريہ کان شستر سکيا نہ ورتي پر دل هي دل ۾ هُن کي پنهنجو گرو مڃيو. مونکي جيڪڏهن صحي معنيٰ ۾ ساکيات کهاڻي ۽ ادب طرف مائل ڪيو آهي ۽ منهنجي همٿ افزائي ڪئي آهي تہ مان پنهنجو گرو وينا شرنگيءَ کي مڃيندس. هُن ئي مونکي کهاڻين کي ڪتابي صورت ۾ ڇپائڻ جي پريٽنا ڏني.

وينا سنڌيت جي لائي ماروئي جي platform ذريعي سنڌيت جي شيوا ڪندي پئي اچي. ۽ مان هن جي لکڻين کان بہ متاثر آهيان. اڄ مان جيڪي ڪجھہ آهيان تنهن لاءِ سڀ کان پهرين مونکي جنهن جنم ڏنو منهنجي ماءُ ۽ منهنجو پيءُ تن آڏو پنهنجو سيسُ نوايان ٿي. جن ننڍي هوندي کان وني ئي جتي تعليمي ماحول، اعليٰ اخلاقي قدرن، وڏن جي لاءِ عزت ۽ احترام جو درس ڏنو ۽ اڄ مان ٿورو ڪي گهڻو جيڪي ڪجھہ ڪري سگهان ٿي اُها هُنن جي ئي آشيرواد آهي. مونکي ننڍي هوندي منهنجي ڏاڏي سائينءَ سرسوتيءَ جي وندنا سيکاري.

اڄ شايد اُها ئي مهر منهنجي تخليق تي رهي آهي.

ٿورا نہ ٿورا مون تي ماوئڙن جا

پلايون پيرا ڳٽي ڳٽيان ڪيترا.

مان ڪنهن ڪنهن جا نالا ڳڻها جن مونکي هن ڪيتر ۾ آمد تي شڀ ڪامنائون ڏنيون آهن. سڀ کان پهرين مان پروفيسر ڪي. اين. واسواڻيءَ جي بيحد ٿورائتي آهيان جن مونکي شڀ ڪامنائون ڏنيون هيون پنهنجو ڪتاب "We the Sindhi people" ڏيندي، اُن مٿان هُنن جا ئي هٿ اکر لکيل مون وٽ آهن. جنهن ۾ هُنن ڪجهہ هن طرح لکيو آهي:

**Dear sister Shalini with prem and regards for her best Blossoming as a writer.**

**From K.N.Vaswani.**

عورتن جي رزرويشن جي لکيل ڪويتا تي ڊاڪٽر موتيلعل جوتوائي، ديدي پارو چاولا، انيتا، ڪمل پياسي دل جي گهراين سان مبارڪون ڏنيون. اِن کان سواءِ اسان جي برک شاعرن شري پريو وفا، ڊاڪٽر ارجن شاد، واسديو نرمل جي بہ ٿورائتي آهيان جن منهنجي همٿ افزائي ڪئي.

مان پنهنجي قلم جو پورهيو توهان آڏو پيش ڪري رهي آهيان. اُميد ڪريان ٿي تہ توهان جي همٿ افزائيءَ نيڪ تمنائون ساڻ رهنديون.

اُگهيو تہ ڪٽو نہ تہ ماڪن موٽ.

چڱو موڪلائي ناهي — سدائين ڳڏ

شالني ساگر

نومبر ۱۹۹۸

# Reservation

اڄ مان توکي
So called Reservation
مونکي ڏان طور،
جهوليءَ ۾ وجهڻ کان،
آزاد ڪريان ٿي.
زرا سوچ تون،
جي منهنجيءَ ممتا ۾ ٻه
Reservation جو ٻِڄ هجي ها،
تہ هيءَ ڌرتيءِ،
تو جهڙن
ڏاڍن مڙسن کان
آزاد هجي ها.
مان پيڻ
مان ڌيءُ
مان ئي جنني
مون ئي توکي
جنم ڏِنو آ
مان حيران آهيان
تنهنجي اِن سوچ تي
تہ تون اَڄ
پارليامينٽ ۾
بِل پيش ڪري
مون لاءِ
ٽيٽيهہ (۳۳) سيڪڙو Reservation
محفوظ ڪرڻ چاهين ٿو.
پر مون اڄ توکي
اِن So called Reservation
جي بندڻ کان
آزاد ڪيو
تون چا مونکي ڏيندين
آدِ جُڳادِ کان
مون تولاءِ ڪيو آ
۽ آئينده بہ
ڪنديِ رهندس
تون تہ خود
منهنجي پيار
منهنجيءَ ڪروٺا
منهنجيِءَ ٿڃ جو
قرضدار آهين.

شاليني

# ماٺهون ٻُڌِڻ ماٺهون ٻُڌِڻ

اَسان جي مٿينءَ ماڙيءَ واري فليٽ ۾ نوان پاڙيسريِ اچڻا هئا. جيئن ئي سامان سان ڀريل ٽرڪ اچيِ هيٺ بيٺي، ۽ جيئن اڪثر ٿيندو آهي، تہ اِهو ڏسجي تہ جيڪي پاڙيسريِ اچي رهِيا آهِن، سي ڪير آهِن، ڏسڻ ۾ ڪيئن آهن ۽ وريِ سامان ڏسيِ هنن جي رهڻيِ ڪرڻي ۽ معياري زندگيءَ جيِ ڄاڻ پئجيِ ويندي آهي. اسانجو ڦليٽ ٻئي ماڙي تي آهيِ ۽ نوان پاڙيسريِ ٽئين ماڙي تي اچي رهِيا هئا. اسانجي هن ڪامپليڪس ۾ اسان ڇئن جي چوڪڙي هميشه گڏ رهنديِ هئي. روز مرهہ جي ڪم ڪار کان وانديون ٿيِ اچيِ سيڙيئي منهنجي گهر مڙنديون هيون. سُشيِلا، ميِنا، ريکا ۽ مان. اڄ پنهنجي فليٽ جي ٻاهِر بيهي هنن نون پاڙيسرين کي ڏسڻ لڳاسين.

ٽرڪ ۾ جيڪو ماڻهو سامان کڻائي آيو هو اُهو وچوليِ عمر جو، چست بدن ۽ رنگ جو صاف ۽ وڏيون مڇون رکيل هئس. ڏسڻ ۾ ناهوڪو ۽ وريِ قد بت بہ سٺو هيسِ. سامان ۾ اڄڪلهہ جي ضرورت جي حساب کان هر شيءِ هئي. ڊائيننگ ٽيبلِ صوفاسيٽ، ٽي.وي.، وي. سي. آر.، پلنگ، ڪولر، ڊريسنگ ٽيبل، گئس الماريون. اِهو ڏسيِ مون شيلا کي چيو، لڳي ٿو چڱي ڀينل گهر جا آهِن. سامان مٿي کڻيِ مزور وڃيِ رهيا هئا. هنن

گهر ۾ ويني آهين ٻارن جو خيال ئي نہ ٿي رکين. تو ئي هنن کي بگاڙيو آهي. ٻارن کي مٿي تي چاڙهي رکيو اٿئي. ٻارن جو خيال رکڻ تنهنجي ذميداري آهي. ويچاري جانڪي مجال آهي جو مڙس جي اڳيان ٻرڪ بہ ٻولي.

هڪ ڏينهن مون شيلا مينا ۽ ريکا کي چيو مائي حد آهي آخر ٻار ٿي. وي. ڏسن تہ بہ رڙ واڪو، راند روند ڪرڻ لاءِ وچڻ جو چون تہ بہ رڙ واڪو. يلا اڄ ڪلهہ جا ٻار آهن هڪ ٻئي کي ڏني ڏنائي ڪپڙو لٽو پائن تہ بہ رام کي نہ وڻي. اڄ ڪلهہ جي ٻارن ۾ جينس. جو اهڙو مرض آهي جو هر ڪو ٻار جينس ئي پسند ڪندو. پر جيڪڏهن ويچاري پنڪيءَ ڪري جينس پاتي تہ اِن ۾ اهڙو ڪهڙو ڏوهہ ٿيو. ۽ وري هيترا ڏينهن ٿي ويا آهن، پر جانڪي هڪ دفعو بہ هيٺ نہ لٿي آهي. آخر اهڙو ڪهڙو ڪم اٿس. جڏهن رام گهر نہ آهي تہ پوءِ تہ اسان وٽ اچي ويهي سگهي ٿي. مونکي هڪدم هڪ ترڪيب سجهي آئي. مون چيو شيلا کي هل تہ هلي ٿا جانڪيءَ کي چئون تہ اڄ منهنجي شاديءَ جي سالگرهہ آهي. مان پارٽي ٿي ڏيان. پوءِ تہ ضرور ايندي. اسان بہ وڃي جانڪيءَ کي سڏ ڏيئي آياسين. چيومانس تہ واندي ٿي ڪري هيٺ ١٢ ٻجي پهچي وڃجانءِ . جانڪي نہ ڪري نہ سگهي. چاڪاڻ جو منهنجي شاديءَ جي سالگرهہ جو هئي. اسان چئن جي چوڪڙي تہ اڳ ئي ويٺي هئي. اينتري ۾ جانڪي بہ آئي. مون ڪيس وهاريندي چيو، مس مس وقت ڪڍيو اٿئي. ڪر تہ خبر آخر

توکي واندڪائيءَ جي سُڃي وندر ملي ويئي آهي. باقي جڏهن مان گهر موٽان تہ هيئن ٻوٽ چاڙهي پاڻ کي ڪم ۾ رڌل پئي ڏيکارجانءِ. هاڻي توکي وقت ڪٽان ملي ويو. جانڪيءَ هٻڪندي چيو، هينئن فلئٽ واري لڇمي آئي هئي. چيائين هن جي شاديءَ جي سالگرهہ آهي. هن پاڙي جي عورتن کي سڏيو هو. اسان رام ۽ جانڪيءَ جون ڳالهيون ٻڌي سوچڻ لڳاسين مائي هي ڪهڙو انصاف آهي. سچو ڏينهن هوءَ ويچاري گهر جي چئن ديوارن اندر ويٺي هجي. پاڻ يلي ئي ٻاهر گهمڻ ڦرڻ وڃي. آخر هوءَ بہ تہ اِنسان آهي. ان ۾ اهڙي ڪهڙي اربع خطا ڪيائين.

اسان جو روز گڏ ويهي نڙو نڪاوَ هڻڻ ۽ رام ۽ جانڪيءَ جي باري ۾ ڳالهائڻ مطلب تہ اسان اهو ڏنوسين جڏهن رام گهر نہ آهي، تہ ٻارن ۽ جانڪيءَ جي چهري تي ڪل خوشي. ڪڏهن ٻار ويهي ٽي. وي. ڏسندا تہ ڪڏهن وري ريڊيو هلائيندا. يا وري جانڪيءَ سان ملي ڪري چرچا گهٻا ڪندا، ۽ کلندا. پر رام جي گهر اچڻ سان ئي گهر جو ماحول ئي بدلجي وڃي. رام گهر اَندر گهڙندي ئي رڙ واڪو ڪندو هو، مون کي هڪدم پرين ۽ راجڪمار جي ڪهاڻي ياد اچي وڃي. راجڪمار هڪ جن جي گهر پهچي ويو. جڏهن جِنُ گهر آيو تہ رڙيون ڪرڻ لڳو. ماڻهوءَ بئُنُ ماڻهوءَ بئُنُ، ساڳيو ئي حال رام جوبہ هو. ٻاهر ڪل مک پاڙي اوڙي وارن سان بہ کلي ڳالهائي. باقي گهر اندر گهڙندي ئي ٻارن ۽ جانڪيءَ مٿان ائين ڦهڪو پيو پوندو جڻ ساڳيو ئي اُهو جِنُ يا راڪاس اچي ويو هجي جيڪو پيو چوندو هو ماڻهوءَ ٻُئِن ماڻهوءَ ٻُئِن.

□□

# وڇوڙو

ديپا ۽ رميش هِڪ ٻئي کي حد کان وڌيڪ چاهيندا هئا ۽ سدا ساٿ نِڀائڻ جا واعدا ڪندا هئا. هو دُنيا جا سڀ سُک ۽ نعمتون ڇڏڻ لاءِ تيار هئا. هُنن طرحِ ڪيو تہ هنن جي پيار جي وچ ۾ اَگر ڪا بہ ديوار ايندي تہ هو اُن کي ٽوڙي ڇڏيندا. ديپا ۽ رميش جو هڪ ٻئي سان سچو پيار هو.

هڪ ڏينهن ديپا رميش کي چيو تون ڇو نہ ٿو ڊيڊيءَ سان اچي شاديءَ جي ڳالھ ڪرين. تنهن تي رميش چيو، 'ديپا، پهرين ڪجھ ڪمُ تہ ڪيان، يا نوڪري ڪيان، تڏهن تہ تنهنجي ڊيڊيءَ سان اَچي شاديءَ جي ڳالهہ ڪيان نہ تہ هو ايئن چوندا تہ پاڻ تہ ڪُجهہ ڪمائين نٿو، پوءِ ديپا کي ڪيئن رکندين. بس، مان وِلائت مان جو Engineering ڪورس پورو ڪري اچان پوءِ جلد ئي نوڪري مِلي ويندي، ۽ پوءِ ڇٽ مگڻي پٽ شادي ڪنداسين. تون پڳوان کي چئُہ تہ مان جلدي ڪورس ختم ڪري نوڪريءَ تي لَڳان. تنهن تي ديپا چيو، ''رميش، تون تہ نوڪريءَ جا خواب اول ٿو ڏسين ۽ پوءِ شاديءَ جي باري ۾ ٿو سوچين، پر مان تہ هميشه اهو ئي خوابُ ڏسندي آهيان تہ تنهنجي ٿي رهان. تنهنجي آغوش ۾ اَچڻ سان مان دُنيا جا سڀ دُک ڀُلا ئي وِهندس. دُک ۾ سُک ۾، توسان برابر

ساٿ ڏيندس.'' تنهن تي رميش چيو، ''ديپا، ڇا مان اِهو نه چاهيندس ته تون ۽ مان جلدئي شادي ڪيون، پر ڪنهن وقتُ اَچڻ تي مان تنهنجي ڊيڊيءَ سان ڳالهه ڪندس. پر هِڪ ڳالهه آهي، ڪجهه وقت اِنتظار ڪرڻو پوندو. ڇا تون منهنجي لاءِ اِنتظار نه ڪندينءَ؟'' تنهن تي ديپا وراڻيو، ''رميش، تون ڪُجهه وقتُ ٿو چئين، مان ته هميشه تنهنجي اِنتظار ۾ رهندِيَس. پَر ڪِٿي ائين نه ٿِئي ته منهنجي سُپنن جو محل چورچور نه ٿي وڃي.'' رميش ديپا جي ڳالهه ڪٽيندي چيو، ''ائين نه چئو. اُهو ڏينهن ڏِسڻ کان اَڳُ مان مري ويندس. ديپا، مان توکان سواءِ رهي نه سگهندس.

ديپا ۽ رميش هِڪ ٻئي کان ائين موڪلائي گهر ويا. ڏينهن گذرڻ لَڳا. رميش جي وِلائت وڃڻ جو ڏينهن اچي ويو. رميش چيو ديپا مان ٻن سالن لاءِ انجينيئرنگ جو ڪورس ڪرڻ لاءِ ولايت وڃي رهيو آهيان.

رميش تون ولايت وڃڻ کان اڳه ڊيڊيءَ سان شاديءَ جي ڳالهه ڪري ڇڏ نه. رميش ديپا کي سمجهائيندي چيو، مان اُتان ڪجهه ٻڌجي اچان پوءِ شادي ڪنداسين.

''رميش مان توکان سواءِ هڪ پل به رهي نٿي سگهان.

ديپا ڇا گل ۽ خوشبو کي الڳه ڪري سگهجي ٿو، تون منهنجي زندگيِ آهين مان توکي سچيءَ دل سان پيار ڪيو آهي. مان ڪڏهن به توکي دوکو نه ڏيندس، مونتي ڀروسو رک.

رميش مان توتي ته ڀروسو رکان پر وقت جو ڀروسو نه آهي. ڪٿي اِئين نه ٿئي جو تون اُتي وڃي مونکي ڀلائي ڇڏين. اينرو وقت ڪاٽڻ تمام مشڪل آهي. اهي جدائيءَ جون

ڳھر ۾ ئي ويني ھوندي آھين، تون ڪجھ اُداس آھين ڇا ڳالھ آھي؟

ديپا چيو ديدي ڪجھ بہ نہ، بس ايئين توھان منھنجو فڪر نہ ڪيو.

ھڪ ڏينھن ديپا رميش کي چٺي لکي.

رميش،

جڏھن کان وڻي تون ويو آھين تہ ھتي سڀ نظارا ڦڪا ڦڪا پيا لڳن. ائين پيو لڳي ڄڻ تہ زندگي بيمعنيٰ آھي. ھميشھ دل اُداس رھندي آھي. اڄ توکي وئي ھڪ سال ٿي ويو آھي، پر ائين پيو لڳي ڄڻ صديون گذري ويون آھن. صرف تنھنجي واپس اچڻ جي اُميد جي سھاري جيئي رھي آھيان. ڪيترا دفعا ڊيڊي منھنجي شاديء جي ڳالھ ڇيڙي آھي پر مان ڪو نہ ڪو بھانو ڪري ٽالي ڇڏيندي آھيان. آخر ڪيترو وقت ائين ڪندس.

تنھنجي اِنتظار ۾

ديپا.

رميش ديپا کي واپس چٺي لکي :

ديپا،

جيئن ئي ڪورس پورو ٿيندو تہ مان واپس ايندس. جيئن ھيترو وقت گذري ويو آھي ، تيئن ڪجھ ڏينھن پيا بہ گذري ويندا. ديپا ھن جدائيء کان پوءِ جيڪو ميلاپ ٿيندو اُن کان پوءِ اسان ڪڏھن بہ ھڪ ٻئي کان الڳ نہ ٿينداسين.

مان ھوا جي ھر جھونڪي سان توکي پيغام موڪليندو

آهيان، هر پکيءَ کي چوندو آهيان، منهنجي ديپا کي منهنجو پيغام پهچائج. تہ توکان سواءِ مان اُداس آهيان. منهنجي جان هتي آهي پر ساهہ تو وٽ آهي.

تنهنجو رميش.

ديپا جي پيءُ موهن لعل هڪ ڏينهن ديپا کي چيو، پٽ هاڻي مان وڌيڪ انتظار نٿو ڪري سگهان. حياتيءَ تي ڪهڙو ڀروسو. مان چاهيان ٿو تہ تنهنجي شادي ڪري ڇڏيان جيئن مان پنهنجي هن زميداريءَ کان آزاد ٿيان. منهنجي دوست جو پٽ آهي. ڇوڪرو تمام سٺو آهي. منهنجي آفيس ۾ ئي ڪم ڪندو آهي، هو اسانجي گهر اچي رهيا آهن توکي ڏسڻ لاءِ.

ديپا پنهنجي پيءُ کي گهڻوئي سمجهايو ليڪن موهن لعل هڪ بہ نہ ٻڌي. اِهو چئي هوءُ هليو ويو.

هوڏانهن رميش جو ائڪسيڊنٽ ٿي پيو ۽ نازڪ حالت ۾ هن کي اِسپتال کڻائي آيا. ڪيترن ڏينهن تائين هن کي هوش نہ آيو. ڊاڪٽر بہ هر ممڪن ڪوشش ڪري رهيا هئا.

رميش جي حالت ايتري تہ نازڪ هئي جو هن جي بچڻ جي اُميد گهٽ هئي. اچ پورا بہ مهنا ٿي ويا، ليڪن اجا تائين هو نيڪ نہ ٿيو هو. ڊاڪٽرن جو چوڻ هو تہ جڏهن نيڪ ٿي بہ وڃي ، تہ هن کي ڪا بہ اهڙي خبر نہ ٻڌائي وڃي جنهن سان هن کي صدمو پهچي.

هيڏانهن ديپا حالتن کان مجبور ٿي ڪري رميش کي چئي لکي :

''رميش،

تون جلد ئي واپس اچ. مان توکي ڪيترا ئي خط لکيا آهن، پر نہ ڄاڻان ڇو تو انهن خطن جا جواب نہ ڏنا آهن. شايد تون پنهنجي ديپا کي ڀلائي ويٺو آهين ۽ اتي ڪنهن ٻئي کي چاهڻ لڳو آهين. رميش ڊيڊي منهنجي شاديءَ جو سوچي رهيا آهن. مهرباني ڪري هن خط ملڻ شرط واپس اچ. ڪٿي ائين نہ ٿئي تہ مان پرائي ٿي وڃان. تو هن خط جو جواب نہ ڏنو تہ مان اهوئي سمجهندس تہ تون بيوفا آهين. مان هر گهڙي هر پل تنهنجي اِنتظار ۾ ويٺي آهيان، جي تو اچڻ ۾ ۽ خط جي جواب ڏيڻ ۾ دير ڪئي تہ شايد مان بيوس ٿي ڪري اُهو ڪجهہ ڪرڻ تي مجبور ٿي ويندس، جيڪو مان ڪڏهن بہ نہ سوچيو هو.

تنهنجي ديپا.

ديپا بادلن کان هوائن کان پنهنجي پريتم جو پتو پڇڻ لڳي. ڪٿي آهي منهنجو پريتم، جيڪو اچي منهنجي اڌوري تقدير کي پورو ڪندو ۽ پنهنجا ڪيل قول پاڙيندو.

شام جي وقت جڏهن ديپا گهر سمر ويٺي هئي تہ موهن لعل آفيس مان واپس گهر آيو تہ هن سان گڏ مهيش ۽ سندس ڊيڊي بہ هئا. موهن لعل ديپا جي شادي مهيش سان ڪرائڻ ٿي چاهي. جڏهن ديپا کي هنن ڏٺو تہ مهيش هن کان پڇيو، توهان ڇا ڪندا آهيو. ديپا وراڻيو: ڪاليج پاس ڪري اڃان گهر ۾ ئي ويٺي آهيان. تنهنجي موهن لعل چيو، مان تہ ان ويچار جو آهيان تہ جلد ئي ديپا جي شادي ڪريان تہ منهنجو بار هلڪو ٿئي، ڏيئر تہ پرائو ڌن آهن وڃي پنهنجي ور گهر واريون

ٿين تہ سنو. مهيش جي ڊيڊيءَ چيو اسانکي تہ ڇوڪري پسند آهي. ڪيئن مهيش. تنهنتي مهيش چيو ڊيڊي مون کي ديپا پسند آهي وڏيڪ جيئن توهانجي مرضي. اهو ٻڌي ديپا اتان هلي وئي. تنهن تي موهن لعل چيو شاديءَ جو ٻڌي شرمائجي ٿي. مان جلد ئي شاديءَ جو مهورت ڪيڍي توهانکي ٻڌائيندس. مهيش جي پيءُ چيو موهن لعل تون ديپا کان تہ پڇ تہ هن جو ڪهڙو رايو آهي. تنهنتي موهن لعل چيو منهنجي ديپا کي مان چڱيءَ طرح سڃاڻان هوءَ تہ ديوي آهي. وري بہ مان هن سان ڳالهائي توهان سان ملندس.

هنن جي وڃڻ کان پوءِ موهن لعل ديپا کان هنجو رايو پڇيو. ديپا وراڻيو ڊيڊي توهان هيءُ ڇا پيا ڪيو مان شادي نہ ڪندس، اڳي بہ توهانکي چئي چڪي آهيان تہ حال مونکي شادي نہ ڪرڻي آهي. موهن لعل ڪاوڙجي چيو، اِهو تہ مان گذريل ٻن سالن کان ٻڌندو پيو اچان. هاڻي مان وڌيڪ انتظار نہ ڪندس. آخر ڪهڙي ڳالهہ آهي جو تون نٽائي رهيِ آهين.

ديپا همت ڪري چيو : ڊيڊي مان رميش کي چاهيندي آهيان، هو ولائت ويو آهي انجينيئرنگ ڪرڻ لاءِ. هن مون سان واعدو ڪيو آهي تہ موٽي اچي هو مون سان شادي ڪندو، مان هنکي چٺي لکي آهي هو اُنجو ضرور جواب ڏيندو يا وري پاڻ ايندو. اهو ٻڌي موهن لعل حيران ٿي ويو. چيائينس ڇا اهو سڀ ڪجهہ تو پهرين ڇو نہ ٻڌايو. ديپا تو تہ منهنجي عزت مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏي. مان هنن کي ها ڪري چڪو آهيان. هاڻي جي اهو راز کلندو تہ هو ڇا سوچيندا.

وقت ۽ حالتن کان مجبور ٿي ڪري ديپا مهيش سان

ڪي پاپُ نہ ڇٽو. ٻُڌڻ چاهين ٿي تہ ٻُڌ. ڪافي وقت ٿيو جو منهنجو Accident ٿي پيو هو ۽ مان نازڪ حالت ۾ اسپتال ۾ هيس. ڪيترا ئي مهينا بيهوش رهيس، ڊاڪٽرن مونکي ڪا بہ اهڙي خبر ٻڌائڻ نٿي چاهي جنهن سان مونکي صدمو رسي ۽ منهنجون چنيون بہ مونکي نہ ڏنائون. مونکي ڪا بہ خبر نہ هئي تہ منهنجو سنسار لٽجي رهيو هو؛ ڪجهہ ڏينهن اڳہ مونکي ڊاڪٽرن تنهنجون اهي چنيون ڏنيون جن کي پڙهي مان سڌو هتي آيس پر تيسيتائين منهنجو سڀ ڪجھ لٽجي ويو. ديپا مون توکي هميشهہ اهو چيو تہ وقت ايندو تہ مان تنهنجي ڊيڊيءَ سان شاديءَ جي ڳالهہ ڪندس. پر ان وقت اچڻ کان اڳيئي مان برباد ٿي ويس. رميش ٿڌو ساهہ پريندي چيو. خير ديپا مان توسان سچو پيار ڪيو آهي ۽ ڪڏهن بہ توکي بلئڪ ميل (Black Mail) نہ ڪندس. هان وٺ هي تنهنجون چنيون. ديپا جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. رميش ديپا کي چيو مان تہ هميشهہ چاهيندس تہ تون جتي بہ هجين سکي هجين. تنهنجي خوشيءَ ۾ منهنجي خوشي آهي.

□□

# ڪروڪيٽر جي جنگ

مان روز مره جيان اڄ به صبح جو سير ڪري گهر واپس اچي رهيو هيس، اسانجي پاڙيسري رميش جي گهر ٻاهران ماڻهن جو هجوم لڳل هو. مون حيران ٿي پڇيو ڇا آهي؟ هتي ايترو گوڙ ڇو آهي؟ پوليس ڇو بيٺي آهي؟ پيڙ مان آواز آيو، هوءَ مري ويئي، هن آتم هتيا ڪئي. مون پڇيو ڪنهن؟ اُتي بيٺل اسانجي ئي هڪ پاڙيسڙيءَ چيو، ٻيو وري ڪنهن ؟ ريڪا آتم هتيا ڪئي آهي.

منهنجي واتان رڙ نڪري ويئي، نه نه ايئن نه ٿو ٿي سگهي. هوءَ ته ايتري پياري شخصيت جي مالڪ هئي. سهڻي سڀاجهي، سلڇڻي، رلٽي ملٽي، ڪل مڪُ ۽ پرماتما ۾ وشواس رکندڙ. مصيبتن ڪي به بردباريءَ سان منهن ڏيندي هئي. ريڪا جو مون سان گهڻو پيار هو. مان ڪيس ڌيءَ وانگر سمجهندو هوس ۽ هوءَ به ڏک ۾ سک ۾ اچي مون سان حال اوريندي هئي. پر هر وقت هنجي واتِ اِها ئي وائي هوندي هئي، بابا مان پنهنجي دل جو بارُ هلڪو ڪرڻ لاءِ اچي توهان سان حالُ اوريندي آهيان. پر مونکي اِهو وچنُ ڏِيو ته اِها ڳالهه توهان ڪنهن ڪي نه ٻُڌائيندا. مان برابر چوندو هيو مانس ڌيءَ مون تي وشواس رکُ، مان تنهنجي پيءُ برابر آهيان. ريڪا جي

هر ڳالھ مون کي خبر هئي. سندس پرماتما ۾ ايترو تہ وشواسُ هو جو دک سک ۾ بہ ايشور جو در ڪونہ ڇڏيندي هئي. ڪڏهن ڪائي مصيبت ايندس تہ بہ پيئي ڏٽيءَ در ٻاڏائيندي ۽ هنجو اِهو پڪو وشواس هو تہ جيڪڏهن ڀڳوان جي پوڄا نہ ڪندي تہ شايد ان ڪان بہ وڌيڪ ڏکي ٿئي. هن ائين ڇو ڪيو؟ ڇو آتم هتيا ڪئي؟ وري منهنجي اندران آواز نڪتو. اِن ڪانسواءِ ٻيو هوءَ ڪري بہ ڇا ٿي سگهي. ڪڏهن ڪڏهن مان سوچيندو هيس تہ رميش کي اهڙي سهڻي سلڇڻي ڪنوار ڪيئن ملي. ٻيءَ سائت خيال ايندو هو، شادي تہ هنن پنهنجي پسند سان ڪئي هئي. پيار اونچ نيچ جي فرق کي نہ ڏسندو آهي. ريکا ڪافي امير گهراڻي سان تعلق رکندي هئي ۽ رميش فائيو اِسٽار هوٽل ۾ مينيجر جي نوڪري ڪندو هو. رميش رنگ جو صاف، سهڻو ناهوڪو نوجوان. ڳالهائڻ جو اهڙو چست ۽ چالاڪ جو جيڪو بہ هن سان ملندو هو اُهو هن کي وساري نہ سگهندو هو. چاڪاڻ جو فائيو اسٽار هوٽل ۾ مهمانن جي آجيان ڪندي ڪندي پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ بہ ڪافي مهمان نواز بڻجي ويو هو. آخرڪار هن کي هوٽل ۾ انڪري ئي تہ رکيو ويو هو جو وڏين هوٽلن ۾ سمارٽ ڇوڪرن کي ئي رکندا آهن. جتي هاءِ سوسائٽي جون ڇوڪريون اينديون هيون. هو سهڻو ۽ ناهوڪو تہ هو ئي وري مٿان ڳالهائڻ جو اهڙو مٺو جو ڇوڪريون جهٽ هنجي ڇنبي ۾ ڦاسي وڃن. روز هن سان گڏ ڪا نہ ڪا نئين ڇوڪري هوندي هئي. هوٽلن ۾ ڪاڏا ڪائڻ اُنهن کي ڪار ۾ وٺي گهُمائڻ اهو ئي هن جو معمول هو.

ريکا جي رميش سان پهريون پيرو ملاقات هوٽل ۾ ئي

تي هئي. ريکا جي پيءُ جو وڏو بزنيس هو. هو پنهنجن بزنيس ڪلائنٽس کي اٽينڊ ڪرڻ لاءِ فائيو اسٽار هوٽلن ۾ اهڙيون دعوتون اڪثر ڪندو هو. اهڙين پارٽين جي ڏيک ريک رميش جي ذمي هئي. جڏهن ريکا هوٽل ۾ آئي ته رميش هن کي گلاب جو گل پيش ڪندي چيو هو، توهان جي اچڻ سان اڄ جي هن شام جي خوبصورتيءَ ۾ چار چنڊ لڳي ويا آهن، محفل مهڪي اُٿي آهي. ريکا مسڪرائيندي چيو، تعريف لاءِ شڪريه! ايتري ۾ ريکا جي پيءُ هن کي سڏ ڪيو ۽ ريکا جو تعارف پنهنجي هڪ قريبي دوست جي پٽ سان ڪرايو. ليڪن ريکا جون نظرون رميش ۾ ئي ڪتل هيون. رميش جنهن طرح سان پيش اچي رهيو هو اُن انداز ريکا کي موهي وڌو. پارٽي پوري ٿيڻ وقت رميش اڳتي وڌي ريکا کي چيو، توهان سان وري ڪڏهن ملڻ نصيب ٿيندو. ريکا مُرڪي وراڻيو ڏسنداسين. رميش هڪدم چيو توهان اِنڪار ڪري منهنجي دل نه ڏکويو. مان سڀاڻي توهان جو اِنتظار ڪندس. مهرباني ڪري هڪ دفعو اچي خدمت ڪرڻ جو موقعو ڏيندا. ريکا جي اکين آڏو ور ور ڪري رميش جو چهرو گهمي رهيو هو. هونءَ ته هن ڪيترائي نوجوان ڏٺا هئا، پر رميش ۾ هڪ خاص ئي ڪشش هئي جنهن ريکا کي ٻئي ڏينهن رميش سان ملڻ لاءِ مجبور ڪيو. ائين ريکا ۽ رميش جون ملاقاتون ٿيڻ لڳيون. آخر هنن شادي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. شايد ريکا جي قسمت ۾ اِهو ئي لکيل هو ته هوءَ رميش سان زندگي نڀائي ۽ صرف نالي ۾ هن جي زال ٿي رهندي ۽ رميش کي به شايد هڪ اهڙي ڇوڪريءَ جي تلاش هئي جيڪا هن جي اڳيان ٻرڪ به نه ٻولي جيئن هو من مانيءَ

واري زندگي گذاري. ريکا جي مائٽن کي اها شادي منظور نہ هئي. هنن ريکا کي گهڻو ئي سمجهايو پر ريکا نہ مڃيو. ريکا جي لو مئريج کري هنن جو پيءُ ۽ ماءُ سخت ناراض هئا ڇاڪاڻ جو ڪٽي هنن جو شانو شوڪت ۽ بزنيس ۽ ڪٽي رميش جي نوڪري. شايد ريکا کي اِها ڄاڻ نہ هئي تہ هوءَ رميش سان شادي ڪري پنهنجو ناتو هڪ نانگ سان جوڙي رهي آهي.

رميش جڏهن شادي ڪري ريکا کي گهر وٺي آيو تہ رميش جي ماءُ جي واتان هڪدم نڪتو تہ نہ معلوم هيءُ ڇوڪرين کي ڪيئن ٿو ڦاسائي جو ايڏي وڏي گهراڻي جي ڇوڪري بہ هن سان شاديءَ جي بندڻ ۾ ٻڌجي وئي آهي. رميش جي ماءُ جا اِهي لفظ ٻڌي ريکا جي پيرن هيٺان ڄڻ زمين کسڪي وئي. ڪن پل لاءِ تہ هوءَ ڄڻ بت بڻجي بيٺي رهي. رميش ريکا کي خيالن جي دنيا مان واپس آڻيندي چيو، مئڊم هاڻي گهر اَندر بہ اچو.

رميش پنهنجي وڏوا ماءُ کي گهر جي خرچ پکي لاءِ پئسا ڏيندو هو. هوءَ ماءُ هوندي بہ اهڙي خود غرض هئي جو هن ڪڏهن بہ پٽ کي غلط ڪم ڪرڻ کان نہ روڪيو. هن کي تہ صرف مطلب هو پئسن سان ڇاڪاڻ جو هن جا باقي پٽ وچي ولائت ۾ وسيا هئا. ماءُ جي لاءِ ڪو پئسو ڪونہ موڪليندو هو. نہ ئي ڪو خبر وٺندو هو. وري مٿان رميش جي هڪ ئي ڀيڻ هئي جنهن کي پڻ مڙس ڇڏي ڏنو هو. هوءَ بہ ماءُ سان گڏ رهندي هئي. رميش جي ماءُ جي اها مجبوري ڪٽي ڇئجي جو هن پنهنجي سوارٿ ۽ مطلب خاطر رميش جي هر گناه ۾ هن جو ساٿُ ڏنو ۽ هن جي گناهن تي پڙدو وجهندي رهي.

ريڪا شادي ڪري گهر اَندر پيرُ مس پاتو هو جو رميش جي ماءُ جا اِهي لفظ تہ الائي ڪيترن ئي ڇوڪرين هن جي چڪر ۾ ڦاسجن، ور ور ڪري ريڪا جي دماغ تي هٿوڙن جيان وار ڪرڻ لڳا. هن جي دماغ جون نسون ڦاٽڻ لڳيون.

ريڪا پنهنجو اِهو دکڙو صرف مون کي ۽ پنهنجي ماءُ کي ٻڌايو هو. چاڪاڻ جو ياءُ ۽ پيءُ تہ اِن شاديءُ جي خلاف هئا. هنن ريڪا سان ڳالهائڻ ڇڏي ڏنو هو. هنن جي لاءِ تہ هوءَ مري چُڪي هئي. ريڪا پنهنجي ڪيئي تي پڇتائڻ لڳي. پر هاڻي ڇا ٿيءَ ٿي سگهيو. اَندر جون مُکون اَندر ۾ ئي هيس. ريڪا جي ڏينهن جي شروعات سَوير صبح جو ڀڳوان جي پوڄا سان ٿِيندي هئي. ان ڪانپوءِ گهر جو ڪم ڪار ڪندي هئي ۽ ڏٺيءَ در ٻاڏائيندي هئي تہ منهنجون غلطيون معاف ڪر ۽ رميش کي صحي راه تي آڻ. هوڏانهن رميش ڏينهن رات عيش و عشرت ۾ گذارڻ لڳو. هو راتين جون راتيون گهر کان ٻاهر گذاريندو هو. ريڪا جڏهن هن کان پڇندي هئي، تہ هنجو سڌو سنئو جواب اِهو هوندو هو آخرڪار هوٽل جي نوڪري آهي، پارٽيون اريننج ڪرڻيون پونديون آهن. مئنيجر هئڻ جي ناتي سڄو انتظام هن کي ئي ڏسڻو هوندو آهي جيئن ڪائي ڪمي نہ رهجي وڃي ۽ ڪلائِنٽس ناراض نہ ٿي وڃن. هوٽل جي ڪم ۽ نوڪريءَ جي آڙ ۾ هُن نہ معلوم ڪيترين ئي ڇوڪرين سان پهرين دوستي، پوءِ پيار ۽ وري شاديءَ جا واعدا ۽ اقرار ڪيا. ڪڏهن ڪڏهن تہ هو ڇوڪرين ئي گهر بہ وٺي ايندو هو. ريڪا ڪيترا ئي ڀيرا رميش کي سمجهايو مهرباني ڪري هاڻي تہ باز اچو، جو توهان خود هڪ ڇوڪريءَ جا پيءُ آهيو. ليڪن رميش کي سمجهائڻ

اونڌي گهڙيءَ تي پاڻي. هوءَ چپ چاپ رميش جا ظلم ۽ ڏاڍايون سهندي رهي. رميش ڪافي وقت ڪان وٺي گهر ڪان ٻاهر رهڻ لڳو. اِن دوران هن جي دوستي سُجاتا نالي ڇوڪريءَ سان ٿي. سجاتا جو پيءُ رميش جي هوٽل ۾ ملازم هو. اِنڪري سجاتا جو هن جي هوٽل ۾ اڪثر اچڻ وڃڻ ٿيندو هو. هاڻي رميش سجاتا کي پنهنجي پيار جي جار ۾ ڦاسائڻ شروع ڪيو. سجاتا هڪ تمام ئي غريب گهراڻي جي هئي. هن جڏهن ڏٺو ته رميش هن طرف مائل ٿيو آهي، ۽ هو هن کي هر طرح جي مدد ڪري رهيو آهي، هنن جي دوستي جسماني قربت ۾ بدلجي ويئي. رميش سجاتا کي خرچ پهچائڻ لڳو. هن جي هر خواهش پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو. ڪپڙا لٽا، زيور، ڪار ۽ گهر، جو هر سک هنکي ڏنائين. رميش ۽ سجاتا پلي ئي شاديءَ جي ٻنڌن ۾ نه ٻڌيا، سماج ۾ هنن جو اُهو درجو ڪونه هو جيڪو ريڪا جو هو. پر هوءَ رميش کي پوريءَ طرح پنهنجي قبضي ۾ ڪري ويٺي هئي. ريڪا رميش کي گهڻا ئي منٿ ايلاز ڪيا پر اُن جي باوجود رميش پنهنجي هٺ تان هيٺ نه لٿو.

ماڻ ڪيترا ئي ڀيرا ريڪا کي سمجهائيندو هيس. پٽ اهڙي انسان کي ته ڇڏي ڏي، هي تو جهڙيءَ ديويءَ جي لائق ئي نه آهي. ڪتي تون ۽ ڪتي هي عياشي.

ريڪا هميشه اهو چوندي هئي، بابا منهنجي ڀڳتيءَ ۾ ايتري شڪتي آهي جو هڪ نه هڪ ڏينهن رميش ضرور صحي راهه تي ايندو. ماڻ ڪيس چوندو هيس ته ڇا مليو هن کي ڀڳوان جي پوڄا ڪري ته هوءَ اهو ئي چوندي هئي پوڄا سان منهنجي من کي شانتي ٿي ملي. ايشور ڪڏهن نه ڪڏهن منهنجي دل

جي پڪار ٻڌندو.

ليڪن حالتن ۾ حادثن ڪري هوءَ ٽٽي پئي، زندگيءَ کان مايوس ٿي وئي. ريڪا جي زندگيءَ جي ڪشمڪش ڏسي منهنجي اندران آواز نڪتو، ”زندگي ڪرو ڪيتر جي جنگ آهي. اسين اِن جنگ جا سپاهي آهيون. آخري دم تائين بازي کٽڻ جي لاءِ وڙهندا رهون ٿا. ڪرو ڪيتر جي جنگ ۾ تہ ستيہ جي جيت ۽ استيہ جي هار ٿي هئي پر ان جي برعڪس ريڪا جي حالت اهڙي گهايل سپاهيءَ جهڙي هئي، جيڪا زخمن جي پيڙا ڪري نہ تہ وڙهي پئي سگهي ۽ نہ ئي وري جنگ جي ميدان ۾ پويان پير ڪري پٺتي ٿي سگهي. هن وٽ زندگيءَ جي ان موڙ تي آتم هتيا ڪانسواءِ، ٻي ڪائي واهہ نہ هئي.“ عورت کي هر جنم ۾ هن کي ڪرو ڪيتر جي جنگ لڙڻي ٿي پوي.

□□

# قصمت ڪيو ٻوهہُ

دروازي تي ٺڪ ٺڪ جو آواز.

(ٻاهريان آواز آيو)

ڊاڪٽر صاحب، ڊاڪٽر صاحب. دروازو کوليو.

ڊاڪٽر پرڪاش اُٿي ڪري گهر جو دروازو کوليو. ٻاهر بيٺل ماڻهوءَ چيو : ڊاڪٽر صاحب، مهرباني ڪري جلدي هلو، هِڪُ ماڻهو سخت بيمار آهي. ڊاڪٽر پرڪاش چيو تون ويهہ، ٿوڙو مينهن بند ٿئي تہ هلان ٿو. اُن ماڻهوءَ چيو، ڊاڪٽر صاحب، مينهن ايترو تيز ٿو وسي جو بند ٿيڻ مُشڪل آهي. گهڻي دير ٿي ويئي تہ شايد .........

اَندر ران آواز آيو. ديد ي، ڪير آهي؟ ڪنهن سان پيا ڳالهايو؟ ڊاڪٽر پرڪاش وراڻيو، 'ميرا، جلد ي منهنجي بئگ ڪڍي اَچُ، مريض کي ڏسڻ وڃڻو آهي.' ميرا چيو، ديد ي، هن بارش ۾ مان توهانکي وڃڻ نہ ڏيندس. ميرا اُن ماڻهوءَ کي چيو، هڪُ تہ رات ۽ مٿان وري بارش. ڇا سچو ڏينهن توهانکي خيال نہ آيو؟ تنهن تي اُن ماڻهوءَ چيو، مريض جي حالت هاڻي وڌيڪ خراب ٿي ويئي آهي، ڏينهن جو ايتري نازڪ حالت ڪون هئيس. ڊاڪٽر پرڪاش چيو ميرا، ڳالهين ۾ وقتُ نہ وڃاءِ. مُنهنجي بئگ آڻي ڏي. ميرا ضد ڪندي چيو -

پرڪاش ٽڌو ساهه کڻندي چيو، ”اَڄُ کان ٤٧ سال اَڳُ جڏهن
مان جوان هوس ۽ ڪاليج ۾ پڙهندو هوس، منهنجو تعلق غريب
گهراڻي سان هو، پر پڙهڻ لکڻ جو تمام گهڻو شوق هو. منهنجو پيءُ
ننڍي هوندي ئي گذاري ويو. منهنجي ماءُ مونکي پالي نپائي وڏو
ڪيو. جڏهن ڪاليج پڙهي رهيو هوس تہ اَسانجي پاڙي ۾ هڪ
ڇوڪري رهندي هئي جنهن جو نالو راڌا هو. راڌا امير گهراڻي جي
ڇوڪري هئي. جهڙي هئس سونهن ۾ صورت اَهڙي ئي سيرت.
پنهنجي پيءُ ماءُ جي سڪيلڌي ڌيءَ هئي. منهنجي هن سان
پهرين ملاقات تڏهن ٿي جڏهن هوءَ پنهنجي ساهڙين سان گڏ
پنهنجي گهر جي اَڱڻ ۾ پينگهہ لُڏي رهي هئي. ۽ مستيءَ ۾
ڳائي نچي رهي هئي.
پرڪاش : ”راڌا، تون ايترو سٺو ڳائيندي آهين، اِها مونکي
اَڄ خبر پئي. سچ پڇين تہ تنهنجو مڌر آواز ٻڌي منُ جهومي اُٿيو.
راڌا سوال ڪندي چيو : پرڪاش، هتي اَچڻ جو سبب؟
پرڪاش وراڻيو : راڌا هتي اچڻ جو خاص سبب نہ هو، پر هتان
لنگهيس ٿئي تہ تنهنجو گيت ٻڌي سوچيم تہ توکي داد ڏيندو وڃا.
راڌا غرور وچان چيو : پرڪاش، تون پنهنجي اوقات ڀلجي
رهيو آهين. توکي خبر آهي تون ڪنهن سان ڳالهائي رهيو آهين؟
ها راڌا سان، جيڪا اَسانجي پاڙيسڙي آهي. راڌا مان تنهنجي
عزت ڪندو آهيان. منهنجي دل ۾ .............
راڌا وچ ۾ ئي ڳالهہ ڪي ڪٽيندي چيو - مونکي وڌيڪ ڪجهہ
بہ ٻڌڻو نہ آهي.
پرڪاش خاموشيءَ سان اُتان هليو ويو.
پرڪاش (ماضيءَ تان پردو هٽائيندي) چيو، راڌا جي شوخ سياوَ

منهنجي دل ۾ راڌا لاءِ وڌيڪ جڳهه پيدا ڪئي ۽ مان سوچڻ لڳس تہ ڪيئن بہ ڪري راڌا جي دل ۾ پنهنجي پيار لاءِ جاءِ بڻايان. پرڪاش ٿڌو شوڪارو ڀريندي چيو پٽ ميرا، راڌا جا پيءُ ماءُ پئسي وارا هئا، ۽ مان غريب. ڇا غريب جي دل ۾ پيار نہ ٿو ٿي سگهي. مان ڪيترا ئي ڀيرا اِهو سوچيندو هوس تہ ڪيترو نہ سنو ٿئي جو راڌا هميشھ هميشھ لاءِ منهنجي بڻجي وڃي. پر اسان ٻنهي جي وچ ۾ جيڪا چانديءَ جي چند سڪن جي ديوارا هئي سا منهنجي پيار کان وڌيڪ مضبوط هئي. مان دل هي دل ۾ سوچيندو هيُس تہ ڇا ڪيان جو راڌا ۽ سندس ماءُ پيءُ جي نظرن ۾ اونچو ٿيان. مون ڊاڪٽريءَ جي ڊگري حاصل ڪرڻ لاءِ سوچيو تہ جي پئسي سان نہ تہ پڙهي لکي لائق ٿي راڌا جي قابل بڻجان. شايد منهنجي ڊگري ۽ تعليم کي ڏسي ڪري هو راڌا جو هٿ منهنجي هٿ ۾ ڏين. منهنجي زندگيءَ جا صرف بہ مقصد هئا، هڪُ تہ ڊاڪٽري پاس ڪيان ۽ ٻيو تہ راڌا کي پنهنجو جيون ساٿي بڻايان. آخر هڪ ڏينهن مون پنهنجي ماءُ سان دل جو حال اوريو تہ راڌا منهنجي زندگي آهي ۽ مان کيس پنهنجو همسفر بڻائڻ ٿو چاهيان. منهنجي ماءُ بہ مونکي سمجهايو تہ جيڪي ڪُجهہ مان سوچي رهيو آهيان اُهو ممڪن نہ آهي. مان هميشه راڌا کي ڏسڻ جي ۽ هن سان ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪندو هيُس. آخر مون ڊاڪٽري پاس ڪري ورتي. اُن وقت منهنجي ڪاليج جي ڇوڪرن مان هِڪُ مان ئي هيُس جنهن first class first position حاصل ڪئي هئي. منهنجي ڪاميابيءَ جو راز راڌا ئي هئي، ڇو جو هن کي پائڻ لاءِ ئي مون اهو قدم کنيو. مان اها خوش خبري ٻڌائڻ لاءِ راڌا جي گهر ڏانهن ويس. راڌا جي پاڙي ۾ مُنهنجو هِڪُ دوست

به رهندو هو. اُن جي گهر ڏانهن ويندي منهنجي مُلاقات راڌا سان ٿي. مون خوشيءَ وچان چيو، ”راڌا، راڌا. توکي خبر آهي مان ڊاڪٽري اِمتحان ۾ پهريون نمبر آيو آهيان.“

راڌا کِلي چيو، ”اَڇا! چڱو پلا توکي ڇا کپي؟“

مون چيو مانس، ”جيکي ڪجهه گهرندس، ڏينديئن؟“

”هون. ضرور ڏيندس. مون وٽ ڪهڙي ڪمي آهي جو توکي ڪجهه ڏيئي نه سگهندس.“

”راڌا تون اگر چاهين ته منهنجو دامن خوشيُن سان پري سگهين ٿي. راڌا، مون هميشه توکي چاهيو آهي ۽ اِهو سوچيندو رهيو آهيان ته تون مُنهنجي ٿين.“

راڌا جي چهري تي غصي جي لالي ڇانئجي ويئي.

راڌا : ”پرڪاش، تون حد اورانگهي رهيو آهين.“ پرڪاش پنهنجن ماضيءَ جي خيالن مان واپس ايندي چيو ”اِهو چئي راڌا شوخيءَ وچان منهن موڙي هلي ويئي. مان گهر موٽي آيس ۽ سوچڻ لڳُس ته اِن کي مان پنهنجي هار سمُجهان يان راڌا جي خوشي.

ڪُجهه عرصي کان پوءِ مونکي هڪ اسپتال ۾ نوڪري ملي وئي ۽ ڀڳوان جي ديا سان مونکي ڪاميابي ملڻ لڳي. پوري شهر ۾ مُنهنجو نالو ٿيڻ لڳو. هڪ ڏينهن منهنجي ضد تي منهنجي ماءُ راڌا جي گهر ويئي ۽ راڌا جي ماءُ پيءُ سان شاديءَ جي ڳالهه ڪيائين ۽ چيائن ته پرڪاش راڌا کي هميشه خوش رکندو. هو پڙهي لکي لائق بڻجي ويو آهي. ليڪن راڌا جي پيءُ ماءُ کي هڪ پڙهيلُ لکيلُ self made بااِخلاق ڇوڪرو نه پر هڪُ اَمير گهر جو ليبل لڳل ڇوڪرو کپندو هو. هُنن اِن رشتي کان اِنڪار ڪيو ۽ چيائون ته راڌا لاءِ نه ڇوڪرا گهڻا آهن، اَسين ته اَهڙو ورُ

چونديندا سين جو راڌا پتراڻيءَ وانگر هِندورن ۾ لُڏي.

اَمان نِراش ٿي واپس موٽي آئي ۽ مونکي چيائين ’پرڪاش، تون فڪر نہ ڪر مان راڌا جهريون ڏهہ ڇوڪريون آڻي ٻهاريندس، هِنن کي تہ پئسي جو گهمنڊُ آهي. اَسان غريب ئي سهي. ڇا غريبن ۾ ڇوڪريون نہ آهن؟ مان امان کي چيو، اَڄُ کان پوءِ منهنجي شاديءَ جي باري ۾ سُپني ۾ بہ نہ سوچجانءِ. مون فيصلو ڪيو هو، شادي ڪندُس تہ راڌا سان، نہ تہ اَصل ڪون ڪندس.

اُن ڏينهن کان پوءِ مان پنهنجي پيشي کي ئي سڀُ ڪُجهہ سمُجهيو ۽ ڏينهن رات محنت ڪري نالو ڪڍيم. پر مان هاڻي اڳي جهڙو نہ رهيُس. مون ۾ گهڻي گمڀيرتا اچي ويئي. ڪُجهہ ڏينهن کان پوءِ مون کي خبر پئي تہ راڌا جي مڱڻي سيٺ جهامنداس جي پُٽ راجيش سان ٿي آهي. راجيش پئسي وارو هو. هُن وٽ ڪار هئي، بنگلو هو ۽ دُنيا جا سڀ عيش و عشرت جا سامان موجود هئا. آخر شاديءَ جو ڏينهن آيو ۽ راڌا راجيش جي ٿي ويئي. شاديءَ جي دعوت خوب شان و شوڪت سان ٿي رهي هئي. چئوطرف روشني ئي روشني هئي. بينڊ باجن جو آواز اَچي رهيو هو. منهنجيءَ دل تي جيڪي ڪُجهہ گذري رهيو هو سو بيان ڪرڻ مُشڪل آهي. شور غل ٻُڌي منهنجي دماغ جون نسون ڇڻ ڦاٽڻ لڳيون. مون پنهنجي سيني تي پٿر رکي ڇڏيو ۽ اِن باب کي هميشہ هميشہ جي لاءِ بند ڪري ڇڏيو.

راڌا جي شادي ٿي وڃڻ کان پوءِ مونکي ايئن لڳو ڄڻ هاڻي مُنهنجي جيئڻ جي ڪا معنيٰ ئي نہ آهي. منهنجي دل ۾ آيو تہ مان ڪراچي شهر ڇڏي ڪنهن ٻئي شهر وڃي رهان.

ليڪن اَچانڪ اَمان جي طبيعت خراب ٿي ويئي ۽ هوءَ هميشه لاءِ هن فاني جهان کي ڇڏي هلي ويئي. مان بلڪل اڪيلو محسوس ڪرڻ لڳس. اَڪيلائيءَ ۾ مون هميشه ڪم جو سهارو ورتو، ڇاڪاڻ جو ڪم ۾ مشغول رهڻ سان مان ڪُجھ نيڪ محسوس ڪندو هوس. ڪڏهن ته مون کي گهر کائڻ ايندو هو. هاڻي منهنجي مالي حالت چڱي ٿي ٿئي. منهنجي گهر ۾ نوڪر چاڪر هئا، جيڪي گهر جو ڪمُ ڪار ڪندا هئا.

اَچانڪ مُلڪ ۾ گرم هوا لڳي. مُلڪُ ٻن ڀاڱن ۾ وِرهائجي ويو ۽ هِندُستان جو ورهاڱو ٿيو. چئوطرف مارڌاڙ خون خرابو، لُٽ مار ٿئي. مان پنهنجا اَباڻا پڪا الوداع ڪري بمبئيءَ ۾ آيس. مُصيبت جا ماريل اِنسان در در ڀٽڪڻ لڳا.

بمبئيءَ ۾ پهچڻ تي مُنهجي قسمت منهنجو ساٿ ڏنو. پنهنجي محنت سان خوب نالو ڪمايم. مون هميشه اهو سوچيو ته مان غريبن جي مدد ضرور ڪندُس. ڪڏهن اِهو سوچيندو هُيُس ته منهنجي مرڻ کان پوءِ پنهنجي ڪمائيءَ مان جيڪا مِلڪِيت ناهي اَٿم، اُها ڪير کڻندو. منهنجو پنهنجو ته هن دُنيا ۾ ڪير ڪون هو. وِرهاڱي ڪري ماڻهو ڪئمپُن ۾ رهيا پيا هئا. مان اُتي مريضن کي ڏسڻ ويندو هوس ۽ مُفت دوائُون ڏيندو هوس.

هِڪ دفعي مان ڪئمپ ۾ هڪ بيمار عورت کي ڏسڻ وِيُس. اُن عورت جي گهر جا سڀ ڀاتي ورهاڱي ۾ هن کان وڇڙي ويا هئا. صرف هڪ ننڍي ڇوڪري هُيَس. اُن عورت

مُهنجي سامُهون دم ٽوريو. اُن معصوم ڇوڪريءَ کي ڏسي مون سوچيو تہ هاڻي هن جو ڇا ٿيندو. اُن وقت اُن ٻن سالن جي ننڍڙي معصوم ڇوڪريءَ کي هنج ۾ کنيو. اُن اَبهم ٻار جي واتان هِڪدم نِڪتو ''ڊئڊي''. هن جي واتان ڊئڊي لفظ ٻُڌي مون هِڪدم اِهو سوچيو تہ هن بي سهارا ٻالڪيءَ کي مان سهارو ڏيندُس، ۽ اُن معصوم نينگريءَ کي وٺي مان پنهنجي گهر آيُس. مون اُن اَبهم جو نالو رکيو 'ميرا'، منهنجي ننڍڙي ميرا، جيڪا اڄُ ايڏي وڏي ٿي مون تي حُڪم هلائي رهي آهي.

ميرا، توکي ڄاڻ آهي، مان ڪنهنجو بہ ڏُک درد ڏسي نہ سگهندو آهِيان. اِهو شايد اِن ڪري جو ڪو وقتُ هو مان پاڻ غريب هيسُ. جڏهن بہ مان ڪَئمپس ۾ ويندو هُيُس تہ اُتي چڱا ڀلا ماڻهو ڏنا جيڪي مُصيبت جا ماريل در در ڀٽڪڻ لڳا ۽ پيٽ پالڻ لاءِ هو اَلا ئي ڪهڙا ڪم ڪرڻ لڳا. جن جا هٿ ڪڏهن ڪنهن اَڳيان نہ ڦهِليا، اُهي اَڄُ ٻين اَڳيان هٿ ٽنگي مدد لاءِ واجهہ واجهائي رهيا هُئا.

وقتُ گذرندو رهيو. آهِستي آهِستي حالتون معمول تي آيون. اَڄُ وِرهاڱي کي گذري بہ وڏو عرصو ٿيو. اَجوڪو ڏينهن مان ڪڏهن بہ نہ ڀُلجي سگهندُس. مون ڪڏهن پہ اِهو نہ سوچيو تہ مُنهنجي زندگيءَ ۾ ڪڏهن اَهڙو حادثو بہ ٿيندو.

پرڪاش ٽڏو ساهُ پريندي چيو - ميرا، خبر اَٿئي اَڄُ ڇا ٿيو. جڏهن مان ٿورو وقتُ اَڳُ هُن ماڻهوءَ سان گڏُ هِڪ مريض کي ڏسڻ وِيُس، تہ هو اَهِڙيءَ مسڪينيءَ جي حالت

# تنهائي

آشا جي گهر اڄ شاديءَ جو شور گل هو. اڄ هن گهر جي سونهن اچي رهي هئي. آشا پنهنجي پٽ اجئہ جي شاديءَ جي تيارين ۾ مصروف هئي. آشا پنهنجي پٽ اجئہ کي ڪيڏي لاڏ ڪوڏ سان پاليو هو. آخر آشا جو سواءِ اجئہ جي هِن دنيا ۾ ٻيو ڪير هو. آشا جي خوابن جي تعبير پوري ٿي رهي هئي. هوءَ جو محسوس ڪري رهي هئي تہ هن جي تنها زندگيءَ ۾ وري بهار موٽي ايندي. شهنائيءَ جي شور ۾ هُن کي پنهنجي ماضيءَ جي زماني جا اُهي ڏينهن ياد اچي ويا جڏهن هوءَ شادي ڪري هِن گهر ۾ آئي هئي. آشا پنهنجي گهوٽ راجا راڪيش جي ڪنوار بڻجي هِن گهر ۾ قدم رکيو هو. آشا ۽ راڪيش ڪيترا ئي خواب ڏٺا هئا. اڄ هُنن زندگيءَ ۾ سدا هڪ ٻئي جو ساٿ نڀائڻ جا واعدا ڪيا ۽ سک دک ۾ هميشه ڀاڱي ڀائيوار رهڻ جو قول ڪيو. راڪيش آشا جهڙي ڪنوار پائي تمام خوش هو. راڪيش آشا کي هٿ کان جهلي چيو، ''آشا مان ڪيترو خوش نصيب آهيان جو مونکي تون ملي آهين. سچ مونکي پنهنجي قسمت تي ناز آهي. منهنجي آشا تون هِن گهر جي سونهن آهين. تو سان هيءُ گهر مهڪي اُٿيو آهي.''

راڪيش ۽ آشا زندگيءَ جا ڏينهن خوشيءَ خوشيءَ گهارڻ

هنجي ڪڪ ۾ راڪيش جي نِشاني پلجي رهي هئي ۽ اُها نِشاني هئي اَجئہ هنن جو پٽُ. آشا ڪيترا ڀيرا سوچيندي هئي ڪاش! اَڄ راڪيش هجي ها تہ ڪيترو نہ خوش ٿئي ها. ڏينهن پنيان راتيون ۽ راتين پنيان ڏينهن گُذرڻ لڳا. اجئہ اَڄ ننڍو سُياڻي وڏو ٿيو، ڪاليج ۾ پڙهائيءَ دوران هن جي ملاقات جوتيءَ سان ٿي. جوتي تمام گهٽي امير گهراڻي جي ڇوڪري هئي، ۽ ماءُ پيءُ جي سِڪيلڌي ڌيءُ هئي. جوتيءَ لاءِ دنيا جي هر آرائِش موجُود هئي. هوءَ هِڪُ گهرندي هئي تہ ڏهہ لهندي هئي. اَجئہ ۽ جوتي هِڪ ٻئي جي پيار ۾ ايترو تہ اَڳتي وَڌي ويا هئا، جتان هنن جو موٽڻ مشِڪل هو. اَجئہ ۽ جوتيءَ هميشه هِڪ ٻئي سان ساٿُ نِڀائِڻ جا واعدا ڪيا. آخر اُهو بہ ڏينهن اچي ويو جڏهن اَجئہ ۽ جوتيءَ شادي ڪئي. ٻنڌن ۾ ٻڌِجي هميشه ۽ هميشه لاءِ هِڪُ ٿي ويا. آشا جا پنهنجي ماضيءَ جي خيالن ۾ کوهِجي وئي هئي؛ اوچتو اَجئہ ۽ جوتيءَ جي دوستن جي ڳاني جو شور ٻُڌي خيالن جي دنيا مان واپس موٽي آئي. فضا ۾ چوطرف لاڏي جا آواز اچي رهيا هئا. آشا اَجئہ ۽ جوتيءَ کي آشيرواد ڏيندي چيو، شال سدائين خوش رهو، ڪڏهن بہ ڪوسو واءُ نہ لڳي. توهانجي زندگيءَ ۾ هردم خوشيون ئي خوشيون هجن ۽ ڏکہ توهان کان پري رهن. آشا ڀڳوان در اِها پرارٿنا ڪئي تہ هِنن ٻنهين جي زندگيءَ جا پلاند خوشين سان ڀري ڇڏِ. آشا اَجئہ ۽ جوتيءَ جي جوڙي کي ڏِسي تمام خوش هئي. اَڄ هِن گهر جي سونهن هِن گهر جي رونق موٽي آئي آهي. اَڳہ آشا کي گهرُ ٻُسو ٻُسو پيو لڳندو هو. پر هاڻي هوءَ اِهو محسوس ڪرڻ لڳي تہ هاڻي هن جي تنهائيءَ جا ڏينهن پورا ٿيا ۽ جلد ئي

هوءَ اَجئہ ۽ جوتيءَ جي ٻارن کي ڪٽيِ راندِ روندِ ڪرائيندي ۽ هيِ گهرُ هڪُ دفعو وريِ ٻارن جي ڪلڪاريءَ سان ڇهڪيِ اُٿندو.

وقت گُذرندو رهيو. اَجئہ ۽ جوتيءَ پنهنجيِ نئيں زندگيءَ جي شروعاتِ ڪري تمام خوش هئا. جوتيءَ جا لاڏ ڪوڏ سان پاليل هئيِ ۽ آرام جيِ عاديِ هئي، هن لاءِ اجئہ جو گهرُ تمام ننڍو هو. جوتيءَ پنهنجو گهرُ هڪ محل جي روپ ۾ تصور ڪيو هو، نڪيِ ڪيِ هيِ ننڍي گهر جي روپ ۾. شاديءَ کان پوءِ اَجئہ ۽ جوتيءَ جا ڪجهہ دوست هنن جي گهرِ دعوت تي آيا. هنن سينيِ دعوت ۾ خوب رنگہ مچايو. جوتيءَ جي ڪاليج جي ڪِن ساهيڙين چيو ، واهہ جوتيِ! ڪٿي محلن ۾ رهڻ واريِ جوتيءَ اڄ هِن ڪُٽِيا کي اڇيِ آباد ڪيو آهي. ۽ اجئہ جي هِڪ دوست چيو ڀائيِ اسان کي تہ اجئہ جي قسمت تي رشڪ تيِ رهيو آهي تہ هن وانگر اسانجي گهر بہ محلن جيِ راڻي اچي. اَجئہ ۽ جوتيءَ جا دوست ڪائيِ پيِ هليا ويا. جوتيءَ کي هنن جا اِهي لفظ تير تيِ چيڻ لڳا. ڪٿي محلن ۾ رهڻ واريِ جوتيءَ اڄ هِن ڪُٽِيا کي اڇيِ آباد ڪيو آهي. هوءَ محلن مان نِڪريِ جهوپڙيءَ ۾ آئيِ آهي. هن هِڪدم اجئہ کي چيو اجئہ مان هِتي نہ رهندسِ. مونکي هيِ گهرُ ڪائِڻ ٿو اچي. توکي مان سان گڏ هليِ بابا وٽِ رهڻو پوندو. امان بابا جيِ تہ اِهائيِ مرضيِ هئي تہ مان شاديءَ کان پوءِ توکي وٺيِ هنن وٽِ ئيِ رهان.

جوتيءَ اجئہ اڳيان پنهنجيِ رِٿ پيش ڪئيِ تہ اجئہ هن کي سمجهائِيندي چيو، پر جوتيِ اسان ٻئيِ هليا ويندا سين تہ مميِ بلڪل اڪيليِ ٿيِ ويندي. هِن عمِر ۾ اسان ٻنهين کان سواءِ مميءَ وٽِ ٻيو ڪهڙو سهارو آهي؟ جوتيءَ اجئہ کي چيو توکي

# چلتو پُرزو

منهنجي هن آفيس ۾ Section Officer طور مقرري ٿي ۽ مونکي آفيس جي سڄي Staff سان ملايو ويو. ڇاڪاڻ جو Section Officer هئڻ جي ناطي منهنجو ڪم هيٺين توڙي مٿي Level جي سيني آفيسرن سان پوندو هو. انڪري سيني سان سڃاڻپ ڪرڻ به ضروري هئي. آفيس ۾ پهرين ڏينهن جڏهن مان پهتس ته پهرين پهرين منهنجي ملاقات، اندر سان ٿي. هن پنهنجو تعارف پاڻ ڪرايو ۽ ٻڌايائين منهنجو نالو اندر ڪيسواڻي آهي. ۽ مان توهان جي ئي Section ۾ ڪم ڪندو آهيان. توهان سان ملي ڏاڍي خوشي ٿي. هاڻي هلو ته توهان پنهنجي Section جو Round لڳائي اچون. ۽ باقي Staff سان به ملون. مان هڪدم چيو ها ها ڇو نه، اندر مونکي وٺي آفيس جي Corridor مان گذرندي هڪ ڪمري ۾ وٺي ويو.

هنن جو نالو Mr. Bhardwaj آهي، بس باقي ڪجهه مهينا رٽائر ٿيڻ ۾ اٿن. ڪافي محنتي اِنسان آهي. ۽ هيءَ آهي مس. نيلم (Miss. Neelam) هن جي هٿن ۾ اهڙو جادو آهي جوهن جون آڱريون Type Writer تي ائين هلنديون آهن جڻ ڪي Piano جا سُر پيدا ڪرڻ. ۽ Miss. Neelam جي پرسان واري ٽيبل تي جيڪو صاحب ويٺو آهي، اُهو آهي رميش. هيءُ اسان

جي Section جو لائق نوجوان آهي. ۽ جلد ئي سندس شادي ٿيڻ واري آهي پر ڏاڍو شرميلو نوجوان آهي. ائين ڪٿي سمجهو ته، ڪنهن فلمي هيرو کان گهٽ نه آهي. اهو چئي هو اڳتي وڌيو. ۽ پر واري ڪمري ۾ داخل ٿياسين ته اُتي چار ٽيبل ڪرسيون پيل هيون. دروازي اندر گهڙندي ئي جيڪا پهرين ٽيبل رکيل هئي اُن طرف اِشارو ڪندي چيائين،”هي مسٽر Nagpal آهي.“ تڪڙا File اُڪلائڻ ته ڪو هن کان سکي. ۽ هوءَ سامهون واري ٽيبل آهي Mrs. Sharma جي، اسان سيني جي ڪافي مدد ڪندي آهي، سيني جا Telephone جا Messages ۽ منجهند جو Lunch گرم ڪرڻ ۽ سيني جو خيال رکڻ هيءَ پنهنجو فرض سمجهيندي آهي. مطلب ته هن هڪ هڪ جو تعارف اهڙي ته خوبصورت انداز ۾ ڏنو جو هر ڪو کليو ۽ وري هُن کان ڪافي خوش به نظر ٿئي آيا. مان اجا چوان ئي چوان جو مسٽر ناگپال چيو، توهان جو مسٽر اندر ڪيسواڻيءَ سان تعارف مان ٿو ڪرايان، هيءُ اسان جي آفيس جو Cream آهي. هر ڪنهن کي آفيس جي ڪمن ۾ صلاح ڏيڻ، Union جا مسئلا حل ڪرڻ، ڪنهن جي مقرري يا ڪنهن جي Retiremant ٿئي ته سڀ کان اڳ مسٽر اندر ڪيسواڻيءَ کي خبر ملندي آهي. ڪنهن جي Transfer ڪٿي ٿيڻي آهي يا روڪائڻي آهي، اِن جي لاءِ هنن وٽ سڀ جواب تيار هوندا آهن. ۽ وري آفيس ۾ ڪنهن جي مقرري، رٽائرمنٽ، شادي مرادي، يا ڏي پُٽ پرڻائڻ تي آفيس اندر ننڍي پارٽي ڪرڻ ۽ پئسا Collect ڪرڻ سڀ هنن جي ٻلي آهي. ائين ڪٿي چئون ته هيءُ اسانجي آفيس ۾ چلتو پُرزو آهي. مون ڏٺو ته جڏهن مسٽر ناگپال اهو سڀ ڪجهه چئي رهيو هو ته اندر مسڪرائي رهيو هو. ۽ کِلي

ڏيڻ لڳا. ۽ اِندر جا سڀ ساٿي هن کي ڪٿلهن تي کڻي آيا. مان پري کان بيهي اِهو نظارو ڏِسي رهيو هيس.

دِل هي دِل ۾ سوچڻ لڳس تہ آخر هِن شخص ۾ اهڙو ڇا آهي جو هُو ايترو چُست آهي. سنهڙو سڪڙو، چهرو سُڪل. آواز گهگهي پيل. ڪپڙا بہ ڪرتو پئجامو پهريندو ۽ مٿان وَري چمپل. هُو ڪنهن هلندڙ چلندڙ لاش کان گهٽِ نہ هوندي بہ ايترو ڪيئن ٿو ماڻهن کي پاڻ طرف متاثر ڪري. مان هن کي ڏِسي حيران ٿيندو هوسِ تہ آخر ايتري شڪتي هُو ڪِٿان ۽ ڪيئن ٿو آڻي؟ ڪيئن ٿو جُٽائي اِها هِمٿ. هن جي نِڙيءَ مان اِهي لفظ ڪيئن ٿا نِڪرن جيڪي شايد اندر هڏين جو بوجهہ بہ مُشڪِل سان ٿي کڻي سگهيون. هُو هِڪ اهِڙو Hanger هيو جو جنهن بہ ٻِچيءَ ۾ اَٽڪيو تہ مڇيءَ جي ڪنڊي وانگر ڦاسجي ويندو. هو ڪجهہ بہ نہ هوندي بہ گهڻو ڪجهہ هيو. مان اَڄ ڏينهن تائين حيران آهيان تہ آخر اِندر ايتري شڪتي ڪيئن ۽ ڪِٿان ٿو آڻي. اِهو اَڄ ڏينهن تائين منهنجي لاءِ هِڪُ رهسيہ آهي.

□□

# ڪنچن

مان ڪنچن کي ننڍي هوندي کان وٺي سڃاڻان. ڪنچن مونکي ڏاڍي پياري لڳندي هئي. جهڙو هيس نالو تهڙو رنگ روپ. ڪنچن ڪايا، ڪپڙي لٽي جي شونقين. جڏهن به ڪو نئون فراڪ وٺندي هئي ته اُهو پائي ڏُڪندي مون وٽ ايندي هئي. آنٽي آنٽي ڏسو ته سهڻي مان ڪيئن ٿي لڳان. اهو چئي ڦيريون پائي پئي فراڪ جي گهري کي اُڏائيندي. مان جيڪڏهن ڪم ڪار ۾ مشغول هجان، ته به تيسيتائين نه ڇڏيندي جيسيتائين منهن موڙي هُن طرف نه ڏسان. پر جيڪڏهن ڪنهن محل بنا ڏٺي ڪٽي چوانس، ها ها سُٺي ٿي لڳين. ته هڪدم چوندي، نه اول مونکي ننڍ کان وٺي چوٽيءَ تائين ڏسي ٻڌايو ته فراڪ جو رنگ ڪيئن آهي، پرنٽ ڪيئن آهي ۽ مون مٿان سونهي ٿو يا نه، تيسيتائين ڪم ڪرڻ نه ڏيندينسانوَ. آخر مان ڪم ڇڏي چوندي هيس تنهنجو نالو ئي ڪنچن آهي خبر اٿئي ڪنچن جو مطلب سون ٿيندو آهي. تون ته سونه جيان پئي چمڪين. بس جڏهن هُن جي نالي جي اِن طرح وياکيان ڪريان تنهن ڪانپوءِ وڃي مان ڪري. ڪنچن رنگ جي صاف وار ڪڪا گهنڊيدار، سنهڙي، اکيون وڏيون وڏيون، هونءَ به سچ پچ ڪنچن جا نقش، رنگ روپ ۽ ڊيل ڊول اهڙو ته سهڻو هو جو جڻ ڪنهن پري کان

خوشي هئي جو ڇھن پنجن ئي پٽ سنن گھرن مان پرڻايا.

ڏسندي ڏسندي منهنجي سامھون واري نيڏڙي ڪنچن هاڻي وڏي ٿي وئي ۽ هوءَ به شاديءَ لائق ٿيڻ لڳي. سرلا کي هاڻي ڏينهن رات اها ئي تات هئي ته ڪنچن جي شادي ڪري. سو لڳي ڪنچن جيٰ لاءِ ڇوڪرا ڏسڻ. ڇڱن ڇڱن ڇوڪرن جي مائٽي اچڻ لڳي. ڪو اينجينئر، ڪوئي ڊاڪٽر، ته ڪو وري وڪيل، پر سرلا کي ڪوئي ڇوڪرو پسند ئي نه اچي. ڪٿي گھر پسند نه، ته ڪٿي ڇوڪري جو ڪٽنب وڏو. ڇئي، مائي ڏير ڏيراڻين، سسُ سهري جي خدمت ڪندي ڪندي ئي ڪنچن جو رنگ ڦڪو پئجي ويندو. منهنجي ڪنچن لاءِ ڪو ڇوڪرا ڪٿا آهن ڇا. هرو ڀرو ڪائي ڪني مڇي ته آهي ڪانه جو ڪٽي جتي اچي اُتي اُڇلايان. ڪنهن ڇوڪري جو قد ننڍو آهي ته ڪو وري ٿلهو آهي. وري هڪَ ڇوڪري اتان مائٽي آئي ته خبر پئي ته ڇوڪري کي چار ڀينر آهن، ته سرلا چوڻ لڳي امڙ هتي ته منهنجي ڪنچن لاڏ ڪوڏ سان پليل آهي، ساهري وڃي ڇئن، ڇئن نراڻن جي خدمت ڪرڻي پوندس. ڏڻ وار موڪلڻا پوندس. ۽ وري گھر ۾ وڏي ننھ ٿي رهندي ته ذميواري به اوتري ئي ٿيندس. مان ٿي اِتي مائٽي ڪيان.

هڪ ڏينهن مون سرلا کي چيو،ڪنچن لاءِ تو ڪيترا ئي ڇوڪرا ڏٺا آهن. آخر ڪار هر ڪنهن ۾ هر ڪا خاصيت ته نه هوندي آهي. ڪٿي نه ڪٿي ته انسان کي سمجھوتو ڪرڻو ئي پوندو آهي. هاڻي گھڻو وقت نه لڳائي، ڪنچن به وڏي ٿيندي ٿي وڃي. جيئن وڏي ٿيندي تيئن ڇوڪرا ملڻ مشڪل. ڪٿي ائين نه ٿئي ته چونڊيندي ئي ڇور وڃي پون ڪکڙين. ڪنچن جا

پيائر بہ سرلا کي اِها ئي صلاح ڏيندا هئا تہ ممي ڪتي تہ ڪوئي غمر قصر ڪاٺو پوندو. پر سرلا کي اِها ڳالهہ سمجهہ ۾ ئي نہ پئي اچي. ڪنچن جي بہ دل ۾ پيلا ننڍي هوندي کان وٺي هڪ راجڪمار جو تصور هيو. سو هوءَ بہ کلي چوندي آنتي منهنجو گهوٽ بہ تہ ڪو راجڪمار هوندو. مون سمجهائيندي چيومانس، ڏس ڪنچن ڪهاڻين جي راجڪمار ۽ اصليت واري راجڪمار ۾ فرق هوندو آهي.

وقت پنهنجي رفتار سان اڳتي وڌندو ويو. ڪنچن جي پيائرن جا بہ ٻار ٿي ويا. هر ڪنهن جو پنهنجو ڪٽنب ٿيڻ لڳو ۽ ذميواريون وڌڻ لڳيون. آهستي آهستي ڪنچن جي پيائرن جو ڌيان پنهنجي ٻارن طرف وڌيڪ ۽ ڪنچن ڏانهن گهٽ وڃڻ لڳو. هُن جي پيائرن هُن کي اِها ئي صلاح ڏني تہ هاڻي اسان وڌيڪ اِنتظار نہ ڪنداسين ۽ جلد ئي ڪنچن جي شادي ڪري ڇڏينداسين. سرلا حالتن کان مجبور ٿي ڪري پنهنجي وڏي پٽ کي چيو ڇڱو پيلا تون ئي پنهنجن ساهرن کي چئو تہ ڪو سٺو ڇوڪرو ٻڌائين.

آخر ڪنچن جي وڏي ڀاءُ جنهن جا ساهرا بمبئيءَ ۾ رهندا هئا. اُتي ڇوڪري جي تلاش ڪرڻ شروع ڪئي. ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ ڪنچن جي شادي بمبئيءَ ۾ هڪ ڇوڪري سان ٿي. ڇوڪرو سرڪاري ملازم هو. ۽ پنهنجي ماءُ پيءُ، ٻن ڀائرن ۽ ٽن ڀينرن سان گڏ هڪ ننڍي فلئٽ ۾ رهندو هو. بمبئيءَ جا فلئٽ بہ اهڙا جڻ ڪُڏڙين وانگر. پر ڇا ڪجي جتي جنهن جو ليک لکيل آهي اُن کي ڪير ٿو ٽاري سگهي. لکيو لوها ڪوٽ بہ ڀڃي ڇڏي. شايد هِن ڪنچن جي نصيب ۾ اهو ئي راجڪمار لکيل هو. ڪنچن شادي ڪري پنهنجي گهوٽ جي گهر بمبئي آئي. هِن ننڍڙي

# جِن لاءِ مئَس .....

ساوِتري گوپال داس جي ٻي زال هئي. هنن ٻنهين جي عمر ۾ ڪافي فرق هو. گوپال داس ٺيڪيداريءَ جو ڪم ڪندو هو. هن جي پهرين زال ٽي ٻچا ۽ هڪ ڌيءَ کي ڇڏي پرلوءَ کي پياري ٿي وئي. ٻارن ۽ گهر جي سار سنڀال لاءِ ئي گوپالداس ٻي شادي ڪئي هئي. گوپالداس ڪافي پئسي وارو هو. ڪيترن ئي بلڊنگن جو مالڪ هو. ساوتريءَ جا ماءُ پيءُ ننڍي هوندي ئي گذاري ويا هئا. هن کي هنجي مامي پالي نپائي وڏو ڪيو هو. تڏهن ته هن ساوتريءَ جي شادي گوپالداس سان ڪئي ۽ پنهنجي زميداري پوري ڪيائين. ساوتريءَ وٽ ٻي ڪائي واهه نه هئي. گهڻو پئسي وارو عيش و عشرت جو سڀ سامان گهر ۾ موجود هو. گوپالداس کي ساوتريءَ مان ٻه ٻه پٽ ٿيا، رام ۽ ڪنعيو. ساوتري سون سان جهنجهي پئي هوندي هئي. ٻانهن ۾ اٺ اٺ سون جون چوڙيون، نونٺ ڪنگڻ، وڏا وڏا جهومڪ، ڳچيءَ ۾ ڳورو هار، آڱريون منڊين سان ڀريل. ساوتري غريب گهراڻي جي پلي ئي هئي. پر هن کي اِن ڳالهه جو افسوس به هو ته هُن جي شادي وڏيءَ عمر واري سان ٿي آهي. ساوتري هرو ڀرو تمام سهڻي به نه هئي. رنگ جي سانوري، قد جي ڊگهي، سنهڙي، ٺڪا رونش، بدن جي چست ۽ رعبدار هئي. گهر جي ڪم ڪار ۾ به ڀڙ هئي. باقي زبان جي

بيحد تکي، سياءَ اھڙو غصي وارو جو ھر ڪو پيو ھن کان ڪنارو ڪندو ھو. ھن ۾ اُھا نذاڪت کان ھئي جيڪا ھڪ عورت ۾ ھئڻ کپي. باقي ساوتري تڪاٿي ۾ برابر ويندي ھئي. سيوا ڪندي ھئي. وري بہ گوپالداس کي اِھو سک ھيو تہ ٻارن کي سنڀالڻ واري ماءُ ملي ويئي آھي. گھر جي چنتا کان مکت ٿي ڪري ھو پنھنجي نيڪيداريءَ جي ڪم ۾ پورو ڌيان ڏئي سگھندو ھو. ساوتري پنھنجي اوُلاد جي موھ ۾ ماٽي جي ٻارن کي پورو ڌيان نہ ڏيندي ھئي. سياءَ جي تکي ھئڻ ڪري پاڙي اوڙي وارا ۽ مِت مائٽ بہ ھن کي گھٽو پسند نہ ڪندا ھئا. ساوتريءَ جو ننڍو پٽ ڪنعيو تمام شيطان ھوندو ھو ايندي ويندي کيچل ڪندو پاڙي اوڙي جي ٻارن کي بہ پيو تنگ ڪندو ھو. ساوتري ڪنعيي جي انھن شرارتن تي کلي ڏيندي ھئي. .... ھيءُ تہ بلڪل منھنجو ڪرشن ڪنعي وانگر نٽ کٽ آھي. ڪوئي شڪايت ڪري تہ چوي ٻار آھي. ڪنعيو بہ پنھنجي ماءُ جي خُشيءَ تي وڏيڪ شيطاني ڪندو ھو. ساوتريءَ جا ٻار بہ ڏينھون ڏينھن وڏا ٿيندا ويا. رام امريڪا ھليو ويو. ھوءَ ھڪ ھڪ ڪري پنھنجي ماٽي جا ٻار وئي پرٽائيندي. ھر ڪا ننھ ساوتري جي تکي سياءَ جي ڪري ھن سان گڏ نہ رھي ڪري ڌار ٿي ويئي. ھن جي پنھنجي وڏي پٽ امريڪا ۾ ئي شادي ڪئي. ۽ اُتي ئي سيٽل ٿي ويو.

اوچتو ھڪ ڏينھن ساوتريءَ جي مڙس گوپالداس کي اٽرنگ ٿي پيو. گوپالداس جون ٽنگون بلڪل بيڪار ٿي ويون. ھو بستري داخل ٿي ويو. گوپالداس پنھنجو سڄو پئسو ملڪيت ساوتريءَ جي نالي تي ڪري ڇڏي. اِن ڳالھہ کان ھن جا ٻار ناراض ھئا.

ساوتريءَ جي سياوَ ۾ اچا وڏيڪ رعب اچي ويو هو ۽ پٽن کي ڪوئي حصو ڪونہ ڏنو هو تہ چڱو هو جو پئسي جي ڪائي ڪمي نہ هئي پر ھُن کي اِهو ڏک هو تہ هر ڪو پنهنجو پنهنجو گهر وسائيندو ويو ھُن کي اڪيلو ڇڏي ڏنو. آخر ھُن بہ تہ هِن گهر لاءِ ڪائي قرباني ڏني آهي. پاڻ کان وڏي ۽ ٻارن واري سان شادي ڪيائين ڇا ڪڏهن ڪنهن مونکان پڇيو آهي تہ مان خوش آهيان يا نہ؟ ڪنعئي جنهن کي ھُن هميشه ساهہ سان سانڍيو هو ھُن کي اُميد هئي تہ صرف ھُن ۾، تہ هو ڪڏهن بہ ھُن کي اڪيلو نہ ڇڏيندو. ڪنعي جي لاءِ ساوتريءَ ڇوڪريون ڏسڻ شروع ڪيون. جتي اچا ڪنعي جي مائٽي هلي تہ ڇوڪريءَ وارا جو ڪٽي پڇا ٻاچا ڪن تہ هر ڪو چوي تہ مائي پئسو تہ گهڻو آهي ڇوڪرو بہ سانورو آهي ۽ مٿان وري ڪنعي جي ماءُ جو سياوَ اهڙو تہ تکو آهي جو ڇوڪري کي سک جو ساهہ کڻڻ ئي نہ ڏيندي. ٻيون بہ سيئي نهر ھُن کان اِنڪري الڳ ٿي ويون، جو روز روز جي ڪٽ ڪٽ پلا ڪير سهندو. امڙ گهوريو اهڙو سون جيڪو ڪن ڇني. اهڙي پئسي کي ڇا ڪبو جو ڇوڪري ئي ڪومائجي وڃي. ساوتري ڪافي پريشان هئي، ليڪن ڪري ڇا ڪٿي ڪم ئي نہ پيو نهي. ساوتري وتي پئي ٽڪاڻن ۾ باسون باسيندي ڇئي گرو بابا منهنجي ڪنعي جو گهر ٺاهي ۽ سهڻي سُني ڪنوار ڏينس. سڀ کان پياري پٽ جو گهر وسائڻ جي ساوتري کي تمام گهڻي چنتا هئي. جنهن سان مٽي مائٽي جي ڳالهہ ڪري چون ڇوڪرو ٽٽڪ آهي ۽ مٿان وري پيءُ کي بہ اڏرنگ اٿس. بستري داخل هئڻ ڪري جيڪا ننهن ايندي تنهن کي بہ سهري جي سار سنڀال لهڻي پوندي. ساوتريءَ کي ٽڪاڻي ۾ هڪ عورت ملي چيائين،

# نئين زندگي

چوندا آهن تہ ڏک سکن جي سونھ گهوريا ڏک سکن تان. ڏک ۽ سک هڪڙي سڪي جا ٻہ پاسا آهن. پر انسان انهن ڏکن ۽ مشڪلاتن کي' ڪيتري صبر ۽ همٿ سان سهي ٿو اِن تي گهڻو ڪجھ مدار رکي ٿو. ڪي اهڙا بہ انسان آهن جيڪي ڏکن ۽ مشڪلاتن کي کلي سهندا آهن. پر ڪي اهڙا بہ ڪمزور دِل هوندا آهن جيڪي مشڪلاتن ۽ ڏکن جو مقابلو نہ ڪري سگهندا آهن ۽ نااُميديءَ وچان خودڪشي ڪري ڏکن کان آجو ٿيڻ چاهيندا آهن. ڇا اِهو سڀ ڪرڻ صحيح آهي. آشا پنهنجي زندگيءَ کان نراش ٿي ڪري خودڪشي ڪرڻ چاهي ۽ جڏهن شهر جي ٻاهران اونچي پهاڙيءَ تان پاڻ کي ڪيرائي مارڻ چاهيو تہ اوچتو ڪنهنجي هٿن هنکي روڪيو.

آشا چيو، ”مونکي ڇڏ مان ڇوان ٿي مونکي ڇڏ مان جيئڻ نٿي چاهيان. تون ڪير ٿيندو آهين منهنجي رستي ۾ اچڻ وارو. مان مرڻ ٿي چاهيان.“ (روئندي)

پرڪاش چيو، ”مان توکي خودڪشي ڪرڻ نہ ڏيندس. آخر توکي ڪهڙي تڪليف آهي جو تون مرڻ ٿي چاهين. توکي ڊپ نہ لڳو تہ ايتري اونچائيءَ تان ڪرڻ کانپوءِ تنهنجي لاش جي حالت ڇا ٿيندي. توکي خودڪشي ڪندي ڏسي مان ٻڃي ويس ۽ تون.“

(آشا کي گهليندو ٿو اچي.)آشا وراڻيو مونکي ڇڏ مان جيئڻ نہ ٿي چاهيان منهنجي لاءِ موت ئي بهتر آهي ۽ سيني مسئلن جو حل اِهو ئي آهي تہ مان مري وڃان.

اِن تي پرڪاش چيو، پر مونکي ٻڌائي تہ صحي تہ تون مرڻ ڇو ٿي چاهين.

آشا (روئندي) وراڻيو تون ٻُڌي ڇا ڪندين ڇا انهن جو ڪو حل نڪرندو بيڪار ۾ منهنجو وقت نہ ذايا ڪر.

پرڪاش چيو آخر بہ ٻڌائي تہ صحي تہ ڇا ڳالهہ آهي.

آشا چيو منهنجو هن دُنيا ۾ سواءِ منهنجي. پي جي ٻيو ڪير ڪونهي. پر منهنجو پيءُ بہ نہ جي برابر آهي. هُن کي ڪڏهن فرست نہ آهي جو ڪري پلو برو سوچي. هو شرابي آهي. نہ ڪمائي نہ ڇا جيڪو ٿورو گهڻو مان ڪمايان اُهو بہ شراب ۾ پورو ڪري ڇڏي. منهنجي ماءُ بہ اِنهن ڏکن ۾ مري ويئي. هاڻي هو منهنجي پنيان آهي. ڏينهن رات اِهو ئي چوندو آهي تہ مان نياڳي آهيان. هڪ ڏينهن مون ڪجهہ پئسا لڪائي رکيا هئا تہ گهر لاءِ راشن وٺي ايندس. مان گهر کان ٻاهر ويئي هيس. شام جو گهر آيس تہ ڏسان اُهي پئسا غائب آهن. جڏهن رات ٿي تہ منهنجو پيءُ شراب جي نشي ۾ ڏُتِ گهر موٽيو. هن جا قدم لڙکڙائي رهيا هئا. هو نشي ۾ ايترو تہ مدهوش هو جو هُن کي اِها بہ خبر نہ پئي پوي تہ رات ڪافي ٿي ويئي آهي. مونکي چوڻ لڳو روٽي ڪٿي آهي. هوُ پنهنجا حواس وڃائي وينو هو. هوش ۾ هجي تہ ٻڌايانس بہ تہ پئسا تہ تون شراب ۾ پورا ڪري آئين باقي روٽي ڪٿا آڻيان.

پرڪاش چيو، ”صبوح جو تو پنهنجي بابا کي سمجهائڻ جي

ڪوشش نہ ڪئي تہ جيڪي ڪجهہ هوُ ڪري رهيو آهي اُهو سُنو نہ آهي.''آشا وراڻيو هو سمجهڻ وارو هجي ها تہ اڳ ئي سمجهي وڃي ها. منهنجي گهر ڇڏڻ جي نوبت ئي نہ اچي ها. هن کي تہ صرف پئسا کپن شراب پيئڻ لاءِ پوءِ ڪهڙي بہ نموني. گهر جا سامان وڪڻندو، امان جا ٿورا گهڻا زيور هئا اهي بہ وڪڻي ڇڏيائين منهنجي ماءُ ڏينهن رات محنت ڪري پئسا ڪمائيندي هئي ۽ هوُ اهي پئسا نشي ۾ وڃائيندو هو ۽ جي منع ڪندي هيس تہ ماريندو هوس. هو انسان نہ پر حيوان آهي جنهن کي پنهنجي ۽ ڀيڻ جي عزت جو رتي ڀر بہ خيال نہ آهي.

پرڪاش چيو، ''يلا هو توکي پيار نہ ڪندو آهي ڇا ڪڏهن اِهو نہ محسوص ڪيائين تہ تون هنجي ڌيءَ آهين ۽ هنجو بہ ڪو فرض آهي.''

فرض؟ نشئين کي اِن لفظ جي ڪهڙي خبر. هن ڪڏهن پنهنجي زال طرف فرض نہ پاليو. جهڙي منهنجي ماءُ جي قسمت خراب هئي اهڙي ئي منهنجي بہ آهي. غلط راهہ هڪڙا اپنائن ۽ ڏک ٻين کي ڀوڳڻا پون. اهو ڪٿا جو انصاف آهي؟ مان اِهو ئي چوندس تہ دنيا ۾ انصاف نہ آهي. مان گهر ۾ رهي گهٽجندي رهندي هيس، جتان بہ لنگهندي آهيان تہ ماڻهو اِهو ئي چوندا آهن ويچاري آشا پاڻ محنت ڪري ۽ پيءُ هڪُ شرابي، ماءُ بہ انهن ڳڻتين ۾ مري ويس ۽ هيءَ بہ ائين ئي مري ويندي. اُن وقت مونکي تمام غصو لڳندو هو. مان ٻين جي رحم تي جيئڻ نٿي چاهيان. منهنجو نالو تہ آشا آهي پر منهنجي زندگيءَ ۾ سواءِ نراشا جي ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي. مان تہ اِهو ئي چوندي آهيان تہ منهنجي نصيب ۾ سواءِ ڏکن جي ٻيو ڪجهہ بہ نہ

بابا کي چيو تہ جلدي واپس گھر اچجو ۽ بابا ها ڪئي. چئو طرف خوشيون ئي خوشيون هيون هر ڪو هڪ ٻئي کي ڏياريءَ جون واڌايون ڏيئي رهيو هو. مان اِهو سوچڻ لڳس تہ ڪيترو نہ سُٺو ڏينهن آهي. چئو طرف روشني ئي روشني آهي. ديپن جي مالا پائي هيءَ ڪاري انڌيري رات ايئن چمڪي رهي آهي جڻ آسمان جا تارا زمين تي لهي آيا آهن. ساري ڌرتي جڻ نئين ڪنوار وانگر سينگھاريل آهي. مان گھر جي دريءَ کان ويهي ٻاهر جو نظارو ڏسي رهي هيس.

(روئندي) ليڪن اڄ ڏياريءَ جو ڏينهن منهنجي لاءِ سُٺو نہ آهي. منهنجي لاءِ تہ اها ئي ڪاري اماوس جي رات آهي. خبر اٿئي اڄ مون پنهنجي پيءُ جو ڀيانڪ روپ ڏٺو. مان ڪڏهن اِهو سوچي بہ نٿي سگھيس تہ هو ايتري حد تائين ڪِرندو. هو پنهنجيءَ عادت کان مجبور شراب پي گھر آيو ۽ هن سان گڏ هن جو هڪ دوست بہ هو. بابا منهنجو سودو ڪيو شراب جي بوتل جي خاطر. جڏهن مون اِهو ڏٺو تہ هو منهنجي طرف وڌي رهيو آهي تہ مان برداشت نہ ڪري سگھيس. مون ڪڏهن سوچيو بہ نہ هو تہ منهنجي عزت نيلام ٿيندي. سا بہ پنهنجي پيءَ جي هٿان. بابا پنهنجي بري عادت خاطر پنهنجي ڌيءَ وڪٽي رهيو هو. هو پيءُ آهي يا جانور؟ مونکي هُن کان نفرت ٿي ويئي آهي. پنهنجي عزت بچائڻ خاطر خودڪشي ڪرڻ آيس. تو مونکي ڇو روڪيو. اڄ منهجي لاءِ ڏياري نہ آهي پر منحوس رات آهي. ها تون جاڻڻ چاهين پيو منهنجي آپگھات جو ڪارڻ. پر هڪ ڳالهہ آهي تون آهين ڪير ۽ هن سنسان جڳهہ تي هتي ڪيئن آئين ۽ ڇو آئين. تنهنجو نالو ڇا آهي مون تہ توکي سڀ ڪجھہ ٻڌايو پر تون هتي

پلا ڇا جوتيءَ توکي دوکو ڏنو، يا وري....

(آشا جي ڳالهه ڪٽيندي) نه آشا جوتي بيوفا نه آهي. اسان جون ملاقاتون ٿينديون رهيون. جوتي هڪ غريب گهر جي ڇوڪري آهي. هن ۾ سڀ ڳڻ آهن، پڙهڻ ۾ هوشيار، سونهن ۾ ڇڄڻ پري. ڪجهه وقت اڳ ڊيڊي منهنجي شاديءَ جي باري ۾ سوچي رهيا هئا. مون ۾ ايتري همت نه پئي ٿي جو ڊيڊيءَ کي چوان ته مان جوتيءَ کي چاهيندو آهيان. مون اِها ڳالهه جوتيءَ سان ڪئي. اِهو ٻڌي هوءَ نراش ٿي ويئي. هن جي چهري تي مايوسي هئي. مان جوتيءَ کي چيو ته مان ڪوشش ڪري ڊيڊيءَ کي مڃائيندس ۽ تون به پنهنجي ڊيڊيءَ کي چئو ته منهنجي ڊيڊيءَ سان ڳالهه ڪن. هن جي همت نه پئي ٿي. آخر مون پنهنجي ڊيڊيءَ سان اِها ڳالهه ڪئي ته مان جوتيءَ سان پيار ڪندو آهيان. اِهو ٻڌي ڊيڊي تمام غصي ٿيا. ڊيڊيءَ کي پنهنجي اميري ۽ پئسي جو تمام گهڻو گهمنڊ آهي. خبر اٿئي جڏهن جوتيءَ جو پيءُ اسانجي گهر آيو ڊيڊيءَ ڇا چيو.

آشا حيرانيءَ وچان پڇيو، ڇا هن اِن شاديءَ کان منع ڪئي؟

پرڪاش چيو، انڪار نه منهنجي ڊيڊيءَ جوتيءَ جي پيءَ کي گهڻو ڪجهه چيو. هن جي بي عزتي ڪيائين ۽ چوڻ لڳو، ڇا ايتري حيثيت آٿئي جو ڏاج ۾ ڪجهه ڏيئي سگهين. رهو ٿا جهوپڙين ۾ ۽ خواب ٿا ڏسو محلاتن جا. مان پنهنجي پٽ جي شادي ڪنهن ڪنگال جي ڌيءَ سان نه ڪندس. اُتي ڪندس جتان خوب ڏاج ملي ۽ جوتيءَ جي پيءُ کي گهران هلي وڃڻ لاءِ چيائين.

جوتيءَ جو پيءُ اهو سڀ برداشت ڪري نه سگهيو ۽

گهر وڃي جوتيءَ کي چيائين، ان کان اڳ جو اسان جي بدنامي ٿئي مان اِهو چاهيندس تہ جلدُ ئي ڪو ڇوڪرو ڏسي تنهنجي شادي ڪريان جي تنهنجي ۽ پرڪاش جي دوستي جي ڳالهہ ڦهلجي ويندي تہ اسان ڪٿان جا بہ نہ رهنداسين. جوتيءَ جو هاڻي گهر کان ٻاهر وڃڻ بند ٿي ويو. جوتيءَ جي گهٽي ڇوڻ تي بہ ڪجهہ نہ ٿيو. مون ڪيترا دفعا ڪوشش ڪئي تہ هڪ دفعو جوتيءَ سان ملان پر نہ ملي سگهيس. مان اُهي ڪاليج واريون ملاقاتون ياد ڪرڻ لڳس. منهنجي اکين ۾ لڙڪ تري آيا. منهنجون اکيون جوتيءَ کي ڏسڻ لاءِ تڙڦڻ لڳيون. منهنجي عمر جو ديديءَ کي ذرا بہ فڪر نہ هو مان مجبور هيس مون ۾ اينتري هِمت نہ ٿي جو ڪٽي ديديءَ کي ڪجهہ چوان وقت گذرندو رهيو- جوتيِ ۽ مان هِڪ ٻئي کان الڳ ٿيِ وياسين هِن ظالم زماني اسانکي الڳ ڪري ڇڏيو امير ۽ غريب جي ديوار ڪڙي ٿيِ پئي.

توهان ٻئي بالغ هئا پوءِ ڇونہ پنهنجي مرضيءَ سان شادي ڪيو. ڇا جوتيءَ توکي ڀلائي ڇڏيو؟

نہ آشا، جوتي جِتي بہ هوندي مونکي وِساري نہ سگهندي. ڪجهہ ڏينهن اَڳہ مونکي خبر پئي تہ جوتيءَ جي مائِٽن هنجي شادي پڪيِ ڪئي آهي. مون ۽ جوتيءَ اِهو تصور بہ نہ ڪيو تہ اَسان ڪو هِڪ ٻئي کان جُدا ٿيِنداسين اِهو سوچي تہ منهنجي جوتيِ هينئر پرائي ٿيِ رهي آهي مان غمگين ٿيِ پيس. مون اِهو سوچيو تہ جوتيِ مونکي بي وفا سمجهندي آخرڪار هيءَ ڇوڪريِ آهي ۽ مان ڇوڪرو آهيان مون ۾ اينتريِ هِمت هجي ها تہ ديديءَ جو سڀ ڪجهہ ڇڏي جوتيءَ جو ٿيِ وڃان ها پر اِهو سوچيم تہ ڇا بنا نوڪريءَ ۽ ڪمائيءَ جي جوتيءَ کي سکيِ رکي

# بنواس

پاروتيءَ ۽ سندس مُڙس گوپالداس ٻئي ڀڳوان ۾ وشواس رکندڙ پوڄا پاٺ ڪندڙ هئا. گوپالداس سرڪاري نوڪري ڪندڙ هو. ۽ هنن کي ٻه پُٽ راڪيش ۽ منيش هئا. راڪيش پرائيويٽ ڪمپنيءَ ۾ سيلس ريپرزنٽيٽو هو. پاروتيءَ پنهنجو سڄو ڏينهن گهر جي ڪم ڪار پوڄا پاٺ ۾ گذاري ڇڏيندي هئي. صبح جو سوير اُٿي سنان پاڻي ڪري پوڄا ڪندي هئي ۽ پوءِ گهر جي ڪم ڪار ۾ لڳندي هئي. جڏهن گوپالداس ۽ راڪيش آفيس لاءِ روانا ٿيندا هئا ته هوءَ به واندي ٿي ويهي رام جو نالو جپيندي هئي؛ هن کي ڏٺيءَ ۾ اينرو نه وشواس هو جو سڀُ ڪجهه اُن جي مهر سان نيڪ ٿيندو اِهو هن جو پڪو وشواس هو. راڪيش ۽ منيش ٻنهي پٽن کي ڏسي پئي چوندي هئي ته هيءُ ته منهنجا رام لڪشمڻ جي جوڙي آهن. راڪيش جي عمر شاديءَ جي لائق هئي پاروتي جيڪا سُٺي ۽ سُهڻي ڇوڪري ڏسندي هئي ته پئي سوچيندي ڪاش! منهنجي پٽ راڪيش لاءِ به اهڙي سهڻي سُٺي زال ملي. راڪيش به قداور رنگ جو صاف، سنهڙي ريهه مڇن جي ۽ وڏيون وڏيون اکيون وار گهنڊيدار وري مٿان سوٽ بوٽ پائي جو نڪرندو هو ته ڪنهن شهزادي کان گهٽ نه لڳندو هو. پاروتي به چاهيندي هئي ته ڪا اهڙي سُٺي شهزادي ملي هن جي پٽ

وٽِ هڪ ماڻهو آيو ۽ چيائين تہ منهنجو نالو نارائڻداس آهي توهانجي آفيس واري ڪلارڪ مونکي توهانجي ائڊريس ۽ نالو ڏِنو آهي منهنجي ڌيءُ جي باري ۾ هن ڪالهہ توهان سان ڳالهہ ڪئِي هئي. گوپالداس نارائِڻداس کي اَندر اَچڻ لاءِ چيو. پُڇڻ تي خبر پيئي تہ هو بہ نوڪرِي پيشي وارا آهِن ۽ ڇوڪرِي پڙهيل لِکيل آهي. فيالحال اِسڪول ۾ ٻارن کي پاڙهيندِي آهي. شام جو وقت هو راڪيش بہ اچِي نِڪتو. نارائڻداس راڪيش کي ڏِسي دِل ۾ سوچيو تہ اَهِڙو سُنو سُهڻو ڇوڪِرو نوڪري بہ سُٺِي ۽ پاڻ ۾ بہ ڀائر. ماءُ پيءُ بہ نرم سُڀاءَ وارا. سو هِڪدم چيائين توهانکي اعتراض نہ هجي تہ سُڀاڻي اسانجي گهَرِ اَچِي ڇوڪِرِي ڏِسو. فيالحال مان ڇوڪِريءَ جو فوٽو کَڻي آيو آهِيان. پاروتِيءَ فوٽو هٿَ ۾ ونِي ڏِنو ۽ نارائِڻداس کي چيائِين اَسان توهان کي سوچي ٻُڌائِينداسين. فوٽو ڇڏي وڃو مان راڪيش کي بہ ڏيکارِيندسِ. نارائڻداس موڪلائي هليو ويو. پاروتِي راڪيش کي فوٽو ڏيکارِيندي چيو پٽ هي فوٽو تہ نظر مان ڪڍُ. راڪيش بِنا ڏِٺي چيو اَمان تون پاڻ ئِي ڏِسُ نہ توکي پسند آهي تہ مونکي بہ. پاروتيءَ راڪيش جي مٿي تي هٿُ رکندي چيو هلُ شيطان سُڀاڻي اِهو نہ چئِجانءِ تہ توهان پنهنجي پسند جي ڇوڪِريءَ سان شادِي ڪرائي. ڀلا اَسان ٻئي ٻُڌا، توهان نوجوان. راڪيش ماءُ جي ساڙهِيءَ جي پلئہ کي هٿ سان جهلِيندي چيو، ”اَمڙ تنهنجِي پسند تہ اَڄڪلهہ جي برابر آهي.“ گوپالداس کِلندي چيو ڀائي ماءُ ۽ پُٽ جي ڳالهہ ۾ ٿورو اَسانکي بہ ڇوَڻ جو ڪجهہ موقعو ڏِيو. منهنجي آفيس جو ڪلارڪ نارائِڻداس سندسِ ڌيءُ جِي ڏاڍِي تعريف ڪري رهِيو هو بس وقت ڪڍِي هلي هِن ڇوڪِريءَ کي

ڪنداسين تہ آسان تہ سچي تياري ڪري وينا هئاسين. توهان اِهو نہ سمجهجو تہ ائڪسيڊنٽ ٿيڻ کان پوءِ ڪو آسانجو اِرادو بدِليو هوندو. نہ نہ پِلا شادي ٿيڻ کان پوءِ ڪجھہ ٿئي ها تہ ڇا ڪيون هان. پاروتي نارائڻداس جون ڳالهيون ٻُڌي سوچڻ لڳي ڪيترو نہ پِلو ماڻهو آهي. هن بہ ڪٿي ڇيو لڳي ٿو توهانجي رينوءَ خاطِر ئي وڏو حادثو ٽري ويو آهي. بس نارائڻداس جي تہ پڳوان ٻُڌي، ڇيائين اِيندڙ مهنو سچو ڪوئي شُڀ ڪم ڪري نہ سگهبو. صرف بہ چار ڏينهن آهِن آسان ڪچي مِسري هاڻي ڏيئي پڪ ٿا ڪيون پڪي مسري جڏهن راڪيش ٺيڪ ٿي ويندو تڏهن ڏينداسين. ٽڙ تڪڙ ۾ راڪيش جي مڱڻي نارائڻداس جي ڌيءُ سان ڪئي وئي. اَڄ پاروتي ۽ گوپالداس ڏاڍا خوش هئا جو هنن جي گهر جي سونهن جلد اچي هِن گهر جي رونق وڌائيندي.

وقت پنهنجي رفتار سان اڳتي وڌندو رهيو آخر اُهو ڏينهن بہ آيو جنهن ڏينهن راڪيش گهوٽ بڻجي گهوڙيءَ تي سوار ٿي ڪنوار وٺڻ لاءِ هليو. خوشيءَ وچان پاروتيءَ جا پير بہ نچڻ لاءِ ڪچي اُٿيا. ور ور ڪري چئي مان ڪيڏي نہ ڀاڳن واري آهيان جو اهڙي سُهڻي سُني نُنهن مِلي آهي.

شادي ڪري آخر گهر واپس موٽيا. ڪيترن ئي ڏينهن تائين راڪيش ۽ رينو ٻاهِر گهمڻ ڦرڻ لاءِ گوئا ۽ ٻين شهرن جو سير ڪندا رهيا. اُتان ئي راڪيش رينوءَ کي وٺي سائين بابا جي مندِر ۾ ويو جو هن جو سائين بابا ۾ ڏاڍو وِشواس هو. گهمي ڦري هو جڏهن واپس گهر آيا تہ رينو ڪجھہ اداس هئي. پاروتيءَ هن کان پڇيو ڇو ڪهڙي ڳالهہ آهي ڇو اُداس آهين ڇا پيڪو گهرُ يادِ ٿو اچيئي پٽ وچ وچي ماءُ پيءُ سان مِلي اچُ. روز راڪيش کي

راڪيش چيو ڊئڊيِ مان الڳ ٿيڻ نٿو چاهيان، پر هِن منهنجي جيون ۾ زهر ڀري ڇڏيو آهي، مان اندر ئيِ اندر هن جا اِهي تعنا ۽ ڳالهيون ٻڌي ٻڌي پريشان ٿيِ ويو آهِيان. توهان جيترو هن کي پيار ڏنو آهي هن اوتِرو ئي اِن جو ناجائز فائدو ورتو آهي. هِن کي هِتي هِن گهر ۾ ئيِ رهڻو پوندو. پاروتيِ هٿ ٻڌيِ چوڻ لڳيِ پٽ ائين نہ ڪرِ. پاڙي اوڙي وارا ٻڌندا تہ ڇا سوچيِندا. رينوءَ کي بہ اِها خبر هئيِ تہ هيِ عزت وارا ماڻهو آهِن، سو ڪٽيِ رڙ واڪو ڪرڻ شروع ڪري ڏنائين. جهٽِ پنهنجيِ آڱر وڍِي ڪٽيِ روئڻ شروع ڪيائين ۽ آڱر مان ڪِرندڙ رت راڪيش جي خميس تي هٽيِ چوڻ لڳي تہ اِجهو تيِ مان پوليس کي فون ڪيان تہ توهان سڀ مِليِ مونکي ماريو پيا. رينوءَ اول پنهنجي پيڪن کي فون ڪيو سو اُهي تہ ڇڻ موقعي جي تلاش ۾ هئا سو هِڪدم گهر پهچيِ ويا ۽ ڪٽيِ پاڙو اوڙو گڏ ڪيائون. رينوءَ جا ڳوڙها ڏِسيِ ۽ آڱر مان وهندڙ رت ڏِسي هرڪو چوڻ لڳو مائي ڪمال ٿا ڪن. مٿان تہ ائين ٿي ڏيکاريائون تہ اسان نُنهن کي سُکيو رکيو آهي. اصل ۾ هي حال آهي. ڪائي پاڙي واريِ چئي پلا هِنن کي ڌيءُ جو اولاد جو ڪانہ آهي تہ نُنهن کي ڌيءُ برابر ڪئن سمجهندا. مائيِ ڪمال ڪيو آٿائون اندر ئيِ اندر ڇوڪريءَ سان اهِڙيِ جُنِ ڪئيِ اٿائون پاروتيِ ۽ گوپالداس ٻئيِ وائِڙا تہ آخر هيِ ٿيِ ڇا ويو آهي. رينوءَ جي پيءُ ۽ ياءُ سيني آڳيان اِهو چيو تہ هنن اسان کان ڏاج گهريو پلا اسان نوڪريءَ وارا ڪٿان ٿي ايترو ڏاج ڏيئيِ سگهياسين.

اَڄ پاروتيِ ۽ گوپالداس جيِ سري عام بي عزتيِ ٿي. اڄ ڏينهن تائين هنن پنهنجي ڪمائيءَ مان ايترو سنو ۽ سُکيو ٿي

هليا جو هنن ڪڏهن ڪنهنجي اڳيان پاڻ کي ويچارو نہ محسوس ڪيو. اڄ هن جي ڪئي ڪرائي تي پاڻي ڦيرجي ويو. پاروتيءَ گوپالداس پنهنجي دل تي پٿر رکي ڪري پنهنجي پٽ راڪيش کي الڳہ ڪيو. گوپالداس خود گهر جو سامان ڪٽائي هنن کي فلئٽ مسواڙ تي وٺي ڏنائين ۽ نئين سر گهر جوڙي ڏنائون. ڪن پل ۾ ئي هننجو سکيو ستابو سنسار ڪومائجي ويو. پاروتي ڏينهن رات پئي سائين بابا کي ٻاڏائيندي هئي چي منهنجي ٻچڙي کي خوش رکُ. هوڏانهن راڪيش نہ چاهيندي بہ پنهنجي ماءُ پيءُ کان الڳہ تہ ٿيو پر دل ئي دل ۾ هن کي اِها ڳڻتي کائيندي هئي تہ هن ٻُڍاپي ۾ پيءُ ماءُ جو سهارو بڻجڻ بدران هنن کي اڪيلو ڇڏي آيو آهيان. اِن غم ۾ هو ڏينهون ڏينهن بيمار رهڻ لڳو ۽ رينو پنهنجي ئي ساهيڙين ۽ پيڪن سان مست رهندي هئي. هِڪ ڏينهن هن راڪيش کي چيو اسان مسواڙي جاءِ ۾ ڇو رهون تنهنجي ماءُ پيءُ جي جاءِ آهي هنن کي چئہُ تہ اِها اسان کي ڏين يا وري وِڪڻي ڪري اسانجو حصو اسانکي ڏين. راڪيش ٺپ جواب ڏنو تہ منهنجو منهنجي پيءُ ماءُ جي جاءِ ۾ ڪوئي حصو نہ آهي. جڏهن تون پنهنجي مرضيءَ سان گهر ڇڏي آئي آهين تہ پوءِ هننجي جاءِ سان منهنجو ڪهڙو مطلب. رينوءَ کي صرف هِڪ ئي هٿيار هو راڪيش ۽ هن جي گهر وارن کي پريشان ڪرڻ جو تہ هو هن جي پيڪن کان ڏاج ڦا گهُرن. ور ور ڪري پئي اِهو اِلزام لڳائيندي هئي. هِڪ ڏينهن راڪيش تيز بخار ۾ پيو هو ۽ رينو پنهنجي پيڪن ۾ ويل هئي، جڏهن پاروتيءَ کي خبر پئي تہ هوءَ پنهنجي پٽ سان مِلڻ وئي ۽ هن کي بيماريءَ جي حالت ۾ ڏِسي چيائين پٽ هِتي تنهنجي سنڀال

# خواب ۽ حقيقت

راڌا کي ننڍي هوندي کان وني ٿي آڪاڻين ٻڌڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو. روز رات جو سمهڻ کان اڳ پنهنجي پيءُ کي چوندي ڏئڏيِ مونکي پرين جي ڪهاڻي ٻڌايو. ۽ وري آڪاڻي ٻڌندي ٻڌندي گهمي ڦري ايندي سنڊريلا جي ڪهاڻيءَ تي. ڏئڏي بس آخر ۾ سنڊريلا جي ڪهاڻي ٻڌائيندو هو تڏهن وڃي راڌا سمهندي هئي. آڪاڻين ۾ پرين جي تصوير راڌا جي اکين آڏو پئي ڦرندي هئي ۽ تصور ۾ اهو وينل هو تہ پريون ٻارن کي سپنن ۾ ايندريون آهن. هنن لاءِ سڀ سکہ کڻيِ ايندريون. مٺايون طعام، سهڻا سنا ڪپڙا، جيڪي بہ پريِ راڻيءَ کان گهرندي سو ملي ويندو.

جيڪو ٻار بيسهارا يا يتيم هجي، جنهن ٻار جيِ ماءُ نہ هجي ۽ ماٽيجيِ ماءُ جو ستايل هجي- اُن جي پري مدد ڪنديِ آهي. پريءَ جي هٿ ۾ جادوءَ جي ڇڙي هونديِ آهي جيڪا بہِ شيءِ گهُر اها ان جادوءَ جي ڇڙيءَ ذريعي حاصل ٿي سگهي ٿي. مطلب تہ هر مرض جي دوا راڌا جي سپنن واري پري هئي.

ننڍي هوندي راڌا کي سنڊريلا جي ڪهاڻي ڏاڍي وڻندي هئي. نہ معلوم ڪيترا ڀيرا هوءَ رات جو ڏئڏيءَ کان ٻڌنديِ هئي. وري جڏهن پاڻ پڙهڻ لائق ٿي تہ پاڻ بہ پئيِ پڙهندي هئي.

پنهنجي هٿ واري جادوئي ڇڙيءَ سان هڪدم هڪ بگهي آندي جنهن تي به گهوڙا اڳيان بيٺل هئا. هڪ ڪوچوان به جادوءَ سان اچي ويو ته هڪ دربان به. چيائين هاڻي تون هن گهوڙي گاڏيءَ تي سوار ٿي ڪري جلدي تون اتي پهچي سگهين ٿي. مگر سنڊريلا اداس ٿي چيو ليڪن پري راڻي مون وٽ اينترا سٺا ڪپڙا آهن ئي ڪون. پري جادوءَ جي ڇڙي جٺن ئي گهمائي ته سنڊريلا جي بدن تي هڪ خوبصورت ڊريس اچي ويئي ۽ جٺن ئي هن پنهنجن پيرن طرف ڏٺو ته هن کي اهو محسوس ٿيو ڄڻ مور نچي پير ڏنگا. پري هڪدم هنجي دل جي ڳالهه سمجهي وئي ۽ جٺن ئي اکيون بند ڪري جادوءَ جي ڇڙي گهمايائين ته هڪدم هڪ خوبصورت سئنڊل پريءَ جي ترىءَ تي اچي نمودار ٿيو. اهو سئنڊل سنڊريلا کي ڏيندي پريءَ چيو هي شيشي جو سئنڊل آهي اهڙو سئنڊل ڪنهن وٽ به ڪون آهي، بس رڳو اهو ڌيان رکجانءِ ته منهنجي جادوءَ جو اثر رات جو ٻارهين بجي ختم ٿي ويندو. تون رات جي ٻارهن وڄڻ کان پهرين گهر موٽي اچجانءِ نه ته اها بگهي ۽ گهوڙا، ڪپڙا، ڪوچوان ۽ دربان سڀئي گم ٿي ويندا ۽ تنهنجي ڳالهه کُلي پوندي ته تون ڪائي راجڪماري ڪونه آهين ۽ هڪ عام رواجي ڇوڪري آهين. سنڊريلا اهو وعدو ڪيو ته رات جو ٻارهين بجي کان اڳ هوءَ واپس موٽي ايندي. پارٽيءَ ۾ پهچڻ تي اُتي موجود راجڪمار ٻين سيني ڇوڪرين کي نه ڏسي ڪري سنڊريلا طرف اڳتي وڌي آيو ۽ هن سان ڊانس ڪرڻ جي مرضي ظاهر ڪئي. ڊانس ڪندي ڪندي وقت جي هن کي خبر ئي نه پئي. جڏهن گهڙيال ٻارهن وڄائڻ شروع ڪيا ته سنڊريلا پنهنجو هٿ راجڪمار کان ڇڏائي تيز تيز محل جون

دوستي وڌندي وئي. راڌا هميشہ مهيش جي باري ۾ سوچيندي هئي. مهيش هڪ امير گهراڻي جو ڇوڪرو هو. هن جو پيءُ شهر جو مشهور بزنيسمئن هو. مهيش ڪاليج هرروز گاڏيءَ ۾ ايندو هو. هڪ ڏينهن هن ڪاليج ۾ هڪ نئين وڏي موٽر گاڏي آندي ۽ راڌا کي چيائين هل تہ هن نئين گاڏيءَ ۾ وهاري توکي سير ڪرايان. مهيش ۽ راڌا گاڏيءَ ۾ ويهي سڄي شهر جو سير ڪيو. هنن جي گاڏي جڻ هوا سان ڳالهيون ڪري رهي هئي. راڌا پنهنجن ئي خيالن ۾ گم ٿي وئي تہ اڄ هوءَ بہ سنڊريلا وانگر پنهنجي راجڪمار سان گڏ آهي. خيالن مان هوءَ سپنن جي دنيا ۾ پهچي وئي ۽ سوچڻ لڳي تہ مهيش هن جو هٿ پڪڙي ڪري چئي رهيو اهي تہ راڌا منهنجي سپنن جي راڻي ڪٿي کوئجي وئي آهين؟ ڪجهہ ڳالهائيندينءَ بہ، يا رڳو سرد مورت بڻجي ويٺي رهندينءَ. اڄ مان توسان پيار جو اقرار ڪيان ٿو. پر نہ معلوم تون ڪڏهن پنهنجي زبان سان اقرار ڪندينءَ تہ مان ئي تنهنجي سپنن جو شهزادو آهيان. راڌا ڪلي چيو تہ مهيش ٻڌان ٿي تہ ڪٿي اهو سپنن جو محل ڇور ڇور نہ ٿي وڃي. اسان ٻنهين وچ ۾ اميري ۽ غريبيءَ جي هيءَ ديوار هڪ اجگر وانگر ڦڻ ڪڍي بيٺي آهي. مهيش چيو راڌا ڇڏ اهي بيڪار جون ڳالهيون. توکي مون تي يقين نہ آهي. مان ان فرق کي توڙي ڦٽي ڪندس. راڌا کلي ڏنو ۽ چيائين مهيش مان بہ پنهنجي پيار جو اقرار ڪيان ٿي. تون ئي منهنجي سپنن جو راجڪمار آهين. اينتري ۾ جئن ئي مهيش تيز رفتار گاڏيءَ کي بريڪ لڳايو تہ راڌا ڪان ڇرڪ نڪري ويو. ڪن پل لاءِ تہ هوءَ حيران ٿي وئي تہ هوءَ ڪٿي آهي ۽ عجب وچان مهيش طرف ڏسڻ لڳي. مهيش راڌا کي

خيالن جي دنيا مان واپس آڻيندي چيو، هي ڇا راڏا مان توکان ڪجھ پڇان پيو ۽ تون الائي تہ ڪهڙن خيالن ۾ گم آهين. تو پنهنجو پاڻ سان ڳالهائيندي آهستي ڇا پئي چيو ؟ ڪهڙن سپنن ۾ کوهجي وئي هئينءَ. راڏا ڳالهہ کي ٽارائيندي چيو مهيش منهنجي مٿي ۾ سور آهي، مهرباني ڪري مونکي گهر ڇڏ. مهيش گاڏيءَ کي راڏا جي گهر طرف موڙيو ۽ گهر جي دروازي وٽ گاڏي بهاري ڪار جو دروازو کوليو تہ راڏا کي وري ائين لڳو جڻن هوءَ سچ پچ هڪ راجڪماري آهي ۽ هنجي سپنن جو راجڪمار هن کي هٿ کان جهلي، گاڏيءَ مان لاهي رهيو آهي. راڏا مهيش کي گهر اندر اچڻ لاءِ چيو پر مهيش اهو چئي ڪري اِنڪار ڪيو تہ اڄ نہ ٻئي ڪنهن ڏينهن ايندس.

راڏا جڏهن گهر اندر داخل ٿي تہ هوءَ وري سنڊريلا واري ڪهاڻي ياد ڪرڻ لڳي. ۽ دل ئي دل ۾ سوچڻ لڳي ڇا ائين نٿو ٿي سگهي تہ مهيش ئي اهو راجڪمار آهي جنهنجو مونکي ننڍپڻ هوندي کان وٺي ئي انتظار هو. اڄ جيڪي ڪجھہ ٿيندو اهو سپنو نہ حقيقت ٿيندي. وري ٻيءَ ساعت هنکي اهو خيال اچي تہ ڪٿي ائين نہ ٿئي تہ جڏهن گهڙيال رات جا ٻارهان وڄائيندو تہ هن جو سپنو ٽٽي پوندو. گاڏي، موٽر، راجڪمار سڀ غائب ٿي ويندا. ڪٿي مهيش امير گهراڻي جو ڇوڪرو ۽ ڪٿي مان هڪ غريب گهراڻي جي ڇوڪري. وري ٻيءَ سائت پنهنجو پاڻ سان مخاطب ٿيندي چوي ٿي، سنڊريلا بہ تہ هڪ غريب ڇوڪري هئي. هن جي شادي بہ هڪ راجڪمار سان ٿي. انهن خيالن مان راڏا تڏهن واپس آئي جڏهن هن جي پيءُ چيو پٽ راڏا ڪهڙي ڳالهہ آهي اڄ تون ڪجھہ پريشان پئي لڳين. هي ڇوڪرو ڪير

هو جيڪو توکي گهر ڇڏي ويو. راڌا وراڻيو، ڊيڊي منهنجي متي ۾ سور هو اِنڪري ڪاليج جي ساٿي مهيش چيو ته هل ته توکي گهر ڇڏي اچانءِ. مون گهر اندر اچڻ لاءِ چيومانسِ پر چيائين ته اڄ نه ٻئي ڪنهن ڏينهن. راڌا جي پيءُ چيو ته پٽ ٿورو آرام ڪر ته نيڪ ٺيِ ويندينءَ. راڌا ڪمري ۾ وڃي سمهي پئي. رات جو وري هن جي سپنن ۾ سنڊريلا جي ڪهاڻي واري پري آئي جيڪا هنکي چئي رهي هئي ته تنهنجي سپنن جو راجڪمار اچي ويو آهي. تنهنجا ڏکيا ڏينهن هاڻي پورا ٿيا. تون راڻي ٻڻجي راڄ ڪندين.

ٻئي ڏينهن راڌا جڏهن ڪاليج پهتي ته هر روز وانگر وڃي ڪئنٽين ۾ ويٺي ۽ مهيش جو انتظار ڪرڻ لڳي. راڌا دِل هي دل ۾ مهيش کي چاهِڻ لڳي. پر زبان تي نٿي آنديءَ. ڇاڪاڻ ته حيا جو دامن ئي عوُرت جو سينگهار آهي. راڌا اهو انتظار ڪري رهي هئي ته مهيش هن سان پيار جو اقرار ڪري. ليڪن اڄ مهيش ڪاليج ڪونه آيو. ٻه ٽي ڏينهن ساندهه جڏهن مهيش غير حاضر رهيو ته راڌا سوچڻ لڳي. آخر اهڙي ڪهڙي ڳالهه آهي جو هو ڪاليج نٿو اچي. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ جڏهن مهيش ڪاليج آيو ته ڪاليج جي ڪئنٽين ۾ اچي ڪري راڌا سان مليو. مهيش ٽيبل تي ڪتاب رکندي چيو ته راڌا ڪهڙا حال آهن. راڌا پڇيو اول تون ٻڌائي ته تون ايترا ڏينهن بنا ٻڌائي ڪٿي غائب رهين. مهيش کلي چيو راڌا ڇا ٻڌايانءِ. هنن ڪجهه ئيِ ڏينهن منهنجي زندگيءَ کي نئين سوُغات ڏني آهي. خبر اٿئي منهنجي ڊئڊيءَ جو دوست ۽ هن جي ڌيءَ چنچل هتي آيل آهن. جهڙو اٿس نالو چنچل تهڙو اٿس سڀاوَ. هوءَ سچ مچ ۾ اهڙي ته چنچل

آهي جو هڪ پل به خاموش رهي نه سگهندي آهي. اسانجو سچو ڏينهن ڪيئن ڪٽجي ويندو هو خبر ئي نه پونديِ هئي. انهن ڪجهه ئي ڏينهن ۾ اسان هڪ ٻئي جي ايترو ته قريب اچي وياسين جو اسان هڪ ٻئي جي لاءِ اجنبي نه هئاسين. پر ائين پئي لڳو ڄڻ ته سالن کان وٺي هڪ ٻئي کي سڃاڻون. منهنجي ڊيڊي ۽ چنچل جي ڊيڊي اسان ٻنهين کي شاديءَ جي بنڌڻ ۾ ٻڌڻ جو فيصلو ڪيو آهي. راڌا اڄ شام جو اسانجي مڱڻي تي رهي آهي. تون ضرور اچجانءِ. مهيش اهو سڀ ڪجهه ايتري سولائيءَ سان چئي ويو. ليڪن راڌا اهي لفظ ٻڌي ڪري حيران ٿي وئي. ڪٿي هوءَ سپنا ڏسي رهيِ هئي ته مهيش سان هنجي شادي ٿيندي ۽ هو ئيِ هن جي سپنن وارو راجڪمار آهي. پر نه اهو سڀ ڪجهه غلط هو. اهو ٻڌي راڌا هڪ بت جئيان ٻٽجي وئي. مهيش راڌا کي ڏوڙيندي چيو، اوهو راڌا تون ائين وائڙن وانگر ڇوٿيِ رهين. تنهنجي اهائي ڳالهه مونکي اصل نه وڻنديِ آهي. هر وقت الائجي ڪهڙن خيالن ۾ گُم هوندي آهين. تون ڪجهه چنچل کان سکه ته زندگيِ ڇا آهي. چڱو راڌا مان هلان ٿو جو ڪجهه بين دوستن کي به شام جي دعوت لاءِ چوڻو آهي. تون ضرور اچجانءِ. اهو چئي مهيش هليو ويو. راڌا جي پيرن هيٺان ڄڻ زمين کسڪي وئي. هوءَ جئن تئن ڪري پنهنجو پاڻ سنڀالي گهر پهتي. راڌا ور ور ڪري اهو سوچڻ لڳي ته هوءَ شام جو مهيش جي مڱڻي جي دعوت ۾ وڃي يا نه وڃي. انهن ئي خيالن ۾ وقت ڪيئن نڪري ويو هنکي خبر ئي نه پئي. اوچتو گهڙيال ست وڄايا. گهڙيال جي آواز تي هن پاڻ کي سنڀاليندي سوچيو ته هوءَ مهيش جي مڱڻي جي دعوت ۾ ضرور ويندي. ۽ تيار ٿي ڪري راڌا مهيش جي گهر

# ديسي سيٽ ڪاڄن....

سنيتا جي شاديءَ جي ڳالهه جٽي پڪي ٿي هئي اُن گهر ۾ هُن جي ڳهوٽ راجا ڪانسواءِ هُن جا ٻه ڀائر ۽ ٻه ڀينرون هيون. سسُ ۽ سوهرو ته هئا ئي پر گڏو گڏ وڏي سسُ به هئي. سنيتا جون ساهڙيون وڪوڙي ويون ۽ لڳيون ڇيڙڻ، واه ڙي واه سنيتا هڪ سسَ ڪي ته تون منهن ڏيئي به وٺين پر وڏيءَ سسُ ڪي ڪيئن سنڀاليندينءَ. اڄ جي زماني ۾ وڏيءَ سسُ سان نڀائڻ ڪو سولو ڪم ٿوڙئي آهي. وري ٻي ساهڙي چوَڻ لڳي، ٻڌو اٿم تنهنجي وڏي سسُ پراڻي خيالن جي آهي. اصل ڪپڙي لٽي پائڻ جو ڍنگ به نرالو اٿس. ريشمي سٿڻ، مٿان جهبلو ۽ ڪوٽي، نڪ ۾ نٿ پيل ۽ نٿ ۾ ڪاري رنگ جو ڌاڳو پنيان چوٽيءَ ۾ اٽڪائيندي آهي. رنگ جي صاف، اکيون وڏيون، ڏند موتين وانگر پيا چمڪنس. جيڪڏهن اڄوڪي زماني سان سينگهار ڪري ته ڪنهن مس ورلڊ کان گهٽ نه لڳندي. اِهو چئي سنيتا ۽ سندس ساهڙيون اچي ٽهڪن ۾ ڇُڙيون. سنيتا جي هڪ ساهڙيءَ چيو اڄ ڪلهه جي زماني ۾ اَهڙي فينسي ڊريس ڪير ٿو پائي. تو وٽي پنهنجو ڳهوٽ ڳولهيو اٿئي سو به اجمير ۾، ڇا ٻيو ڪوئي شهر نه هو. سنيتا کلي چيو شادي شهر سان ٿوڙي ڪرڻي آهي شادي ته راڪيش سان ٿي رهي آهي. جونءَ به جئپور ۽ اجمير ۾ ڪو خاص

فرق تہ ڪونہ آهي. ڀلي ئي جئپور ڪو بمبئي يا دهليءَ جهڙو وڏو شهر نہ آهي پر وري بہ اجمير ڪان تہ سُٺو آهي.

سنيتا جو تعلوق نوَڪري پيشي گهراڻي سان هو. سنيتا جي پيءُ پنهنجن ٻارن کي انگريزي اسڪول ۾ پاڙهيو هو. گهر ۾ سنڌي گهٽ ۽ هندي، انگريزي وڌيڪ هلندي هئي. اڄ ڪلهہ اسڪولن ۾ انگريزي پڙهي ڪري ڇوڪرا ڇوڪريون پيا انگريزيءَ ۾ گٽ مِٽ ڪن. سنيتا بہ گهر ۾ پنهنجن ڀائرن ڀينرن سان پئي انگريزيءَ ۾ ڳالهائيندي هئي. چوندا آهن لکيو لوها ڪوٽ بہ ڀڃي ڇڏي. راڪيش سرڪاري نوَڪري ڪندو هو. پر گهر ۾ سڀئي گڏيل ڪٽنب ۾ رهندا هئا. پئسي جي گهر ۾ ڪائي ڪمي نہ هئي. راڪيش جي پيءُ کي اجمير ۾ وڏو ڪِرياني جو دڪان هو. سنيتا جي ماءُ پيءُ گهر ۽ ڇوڪرو ڏسي ڪري ئي شاديءَ جي ڳالهہ پڪي ڪئي هئي. راڪيش ۽ سنيتا جي جوڙي ائين هئي ڄڻ تہ هو ٺهي هڪ ٻئي جي لاءِ ئي هئا. شاديءَ جو ڏينهن ڪريب اچڻ لڳو. سنيتا خريداريءَ ۾ مصروف هئي. ساڙهيون، ڪپڙا، ڳهڻا، گهر جو سامان، فرنيچر سڀ ورتائين.

شاديءَ واري ڏينهن جڏهن گهوٽ راجا گهوڙيءَ تي چڙهي آيو تہ سنيتا جون ساهڙيون ڊڪنديون ويون ٻاهر گهوٽ کي ڏسڻ. سڀئي رِيتون رسمون ٺيون ۽ سک سان شادي ٿي ويئي. سنيتا گهوٽ سان گڏ پنهنجي نئين گهر پهتي. سڀ ڪان پهرين وڏيءَ سسُ ننهہ کي هٿ ڪان جهلي ڇيو، شل سدائين خوش رهين. سنيتا راڪيش جي شاديءَ ڪانپوءِ هنن جي نئين زندگي جي شروعات ڪيئن ٿي ٿي. نئين گهر ۾ سنيتا جي پهرين صبح هئي. هن ڏنو تہ صبح جو سوير هن جي وڏي سسُ مندر مان ٿي موٽي

ويندينءَ. ڏاڏيءَ جو سياوَ تمام سنو آهي. هوءَ پراڻي زماني جي هوندي بہ نون خيالن جي آهي. ها باقي ڪپڙي لٽي پائڻ ۾ اجا تائين هن جو اُهوئي پراڻو شونق آهي. اسان جي گهر ۾ سڀني ياتين جو هڪ ٻئي سان گهڻو پيار آهي.

گهمي ڦيري جڏهن سنيتا ۽ راڪيش گهر پهتا تہ راڪيش جي ماءُ چيو، پٽ هلو سيئي توهانجو اِنتظار ڪري رهيا آهن. ٻار چون پيا تہ اسان پنهنجي سنيتا آنٽيءَ سان گڏئي روٽي کائينداسين. سنيتا جي وڏيءَ سسُ جهٽ چيو، اِهو وري نئون راڳڙو ڇا جو تہ آنٽيءَ سان کائينداسين. چئو پنهنجي چاچيءَ سان گڏ کائينداسين. ڇا پنهنجي سنڌيءَ ۾ چاچي چوندي سنو نہ ٿو لڳي جو انگريزي ۾ پيا آنٽي چئو. ديسي سيڻ ڪجهہ پرديسي کهڙا پرين. پر اول هنن کان تہ پڇو تہ ڪٿي هو ٻاهران کائي تہ ڪونہ آيا آهن؟ راڪيش کلي ڏنو ۽ چيائين ڏاڏي ائين ڪڏهن ٿيو آهي جو توهان کي ٻڌائڻ کانسواءِ ٻاهران کائي اچان. امان وڏيءَ بہ نڪ کي موڙو ڏيندي چيو، ها ها چيو نہ پٽ پينگهي ۾ ئي پڌرو.

ايتري ۾ گهر جو نوڪر دوڪان تان ڪجهہ سامان کڻي داخل ٿيو. هُن جي هٿان سامان سان پيريل ڪارو ڪِري پيو. امان وڏيءَ جي واتان هرهڪدم نڪتو، مئا شل ڪا مار پوئي. اصل هٿ ئي نٿا هلني. کائڻ مهل ڏاند آهين وهڻ مهل چئين ڳابو آهيان. سڄو ڏينهن منهنجو پٽ دوڪان تي محنت ڪري ۽ تون ڪو لاٽ صاحب آهين ڇا؟ جو سامان بہ نٿو کڻي سگهين. نوڪر اڃان ڪجهہ چوي چوي تہ امان وڏيءَ چئي ڏنو اِهو تہ ائين ٿيو جو لاکو ڪٿي باريڄو کائي. ڪيترا پيرا چيو ٿي مان تہ موئي کي

آهيان. مان تہ توهانکي پنهنجو گرو مڃيندي آهيان.

سنيتا چيو امان نئين ڪنوار نو ڏينهن لٽي پٽي ڏهہ ڏينهن. مونکي تہ هتي آئي پورو سال ٿي ويو آهي. اڄ مون اهو مڃيو آهي تہ توهان سان گڏ رهي ڪري ۽ پنهنجي ٻولي سکي ڪري مان پنهنجو پاڻ کي ان سيتا سان جڙيل رکيو آهي، جيڪا اسان سيني ۾ دنيا ۾ وڏي ۾ پراڻي سنڌو گهاٽيءَ جي سيتا آهي. توهان تہ مون لاءِ هلندڙ چلندڙ ڪمپيوٽر آهيو، جنهن مونکي پنهنجي ٻوليءَ ۾ ماهر بڻايو آهي.

اهو سچ آهي تہ جيجل جي ٻولي مٺي لولي آهي. ديسي سيڻ ڪڄن پرديسي ڪهڙا پرين.

□□

# चौपाल

– शालिनी सागर (दिल्ली)

बरखा बदली
आँधी तूफान
गर्मी सर्दी,
करते करते नौकरी
गये कई साल गुज़र
अड़ोस - पड़ोसकी महिलाओंको
सर्दी की धूप में
चौपाल में बैठ
मूंगफली, पिस्ता-बादाम
खाती हुई देखकर
मेरे दिल में पछतावा होता है
कि नौकरी करनेवाली महिलाओं से तो
ये घरेलू औरतें भाग्यशाली हैं
जो मौज-मस्ती में रहती हैं
रोज-रोज कहती हैं –
दीदी तुम तो सज-सँवरकर
घर से निकल जाती हो
हम तुम से इर्ष्या करती हैं।
मैंने उनसे कहा –
तुम्हारी तरह, मेरा
यों धूप में पिस्ता, बादाम खाना
नसीब कहाँ !
आओ परस्पर
अदला - बदली कर लें !
काश, ऐसा हो सकता !
मुझे तुम्हारी हर बात
स्वीकार है,
तुम मेरी नौकरी सम्हालो
और मैं तुम्हारी चौपाल !